# هوُ جهان - هي من

## (١٠ سنڌي ڪهاڻيون)

Ho Jahan Hi Manu

ليکڪ اي. جي. اُتم

**A. J. Uttam**

قيمت ويهه رپيا

ڊسمبر ١٩٩١

**Asha Chand**
**contact: chand@eim.ae**

نئين دنيا پبلشرس

بي-٩، فلورينا، سيٺلا ديوي روڊ،
ماهم، بمبئي-٤٠٠٠١٦.

(فون ۔ 4374136)

# فهرست


| | |
|---|---|
| ١- هوُ جهان-هي من | ١٣ |
| ٢- ننڍڙڪو | ٢٥ |
| ٣- ٻه ساهيڙيون | ٣١ |
| ٤- ڦڪڙ ڦاڙ | ٣٨ |
| ٥- روشني موٽي آئي | ٤٦ |
| ٦- خوشبودار گل | ٥٤ |
| ٧- نانيءَ جي تلاش | ٦٢ |
| ٨- اوٺي-ٻڌي | ٧٠ |
| ٩- پتنگن پهه ڪيو | ٨٥ |
| ١٠- جيون ساٿي | ٩٧ |


---

**درستي**: ”ننڍڙڪو“ ڪهاڻي ۾ ٣٠ صفحي تي
ڇپيل سن ١٩٨٩ بدران ١٩٩٠ پڙهڻ گهرجي.

---


Hoo Jahan-Hi Man (10 Short Stories),
by A. J. Uttam
1st Edition-Dec. 1991, Price Rs. 20/-

# پبلشرس پاران

**نئين دنيا** پبليڪيشن وري شايع ڪيون ٿا. هي ٣١ سال ٿيندو. هي پهريون ڪتاب آهي. هيلتاءِ ٣٠ سالن ۾ هڪ سؤ کن ڪتاب ۽ **٢٥ سال ماهوار** نئين دنيا مخزن ٻه ڪڍيسين ۽ ٥ سال بهترين ڪتاب کي ساليانو **ٻه هزار** رپيا **انعام** ٻه ڏنوسين. اجوري ڏيڻ جي نئين روايت شروع ڪئيسين ته. اڄ جي ڪيترن مڃيل ساهتڪارن کي اڳيان آندوسين ۽ هزارين ڪهاڻيون ۽ ڪوتائون ڇپيوسين. انهن مان ٥٠٠ کن سنڌي ڪهاڻيون آهن. انهن ڪهاڻي ۽ ڪوتا شاخ کي هتي تازگي سان سر سبز رکيوسين. اصلوڪي ساهت کي اوچ ڏيڻ ۽ ٢٥ سال خانگي طور **ماهوار مخزن** ڪڍڻ جو ٻيو مثال هند سنڌ ۾ اسانجي ساهت ۾ ڪونه ملندو.

**هي اي-جي-اُتم** جو ٻيو ڪهاڻي-مجموعو آهي. پهرين مجموعي "ڪشمڪش" جا ٽي ڇاپا (گجراتي سميت) نڪتا. "هوُ جهان-هي من" ڪتاب ۾ سڀ ڪهاڻيون **پهريون دفعو آندل آهن.** آهي ٥٠ جي ڏهاڪي کان اڄ جي ڏهاڪي تائين مخزن ۾ ڇپيون

هيون. اُنهن مان ڪافي ته هتي ۽ سنڌ ۾ ور ور ڇپيون آهن ۽ ڪي ٻيءَ ٻوليءَ ۾ به ترجمو ٿيون آهن. هنن ۾ رڳو ٻاهرين زندگي ڪانهي جنهن اسان اڪثر پسندن لي غلط نيڪا ٿيندي آهي، پر اندروني جهوت يعني مدوگيانڪ تصوير به آهي. اُنجو قدر به ٿيو آهي. جنهن پروفيسر ايم. ٻي. ملڪاڻي "روشني موٽي آئي" کي (١٩٦٥) سال جي هڪ بهترين **ماڊرن ڪهاڻي** ...مدووگيانڪ چيد بابت ڪامياب ڪهاڻي ڪوٺيو هو (ڏسو نئين دنيا ڊسمبر ١٩٦٥).

انهن ڪي مدووگيانڪ، سماجڪ، ڪي ورهاڱي جي درد، سنڌيت ۽ ڪي ٻراٻري، پاڻپي، آزادي ۽ ايڪتا جي جذبن جا چٽر آهن. ڪن ۾ مذاق ۽ طنز به آهي. پر سيدي ۾ ڪهاڻي- ڪلا جو انگ ۽ سهڻي سپڪ ٻولي ۽ نجي عبارت به آهي. وڌيڪ ته پاڻڪ ٿي پڙهائيندا.

ليکڪ طرفان

# ڀارت ۾ سنڌي ڪهاڻي

ورهاڱي بعد ڀارت ۾ سنڌي ساهت ۾ ڪهاڻي جي شاخ ئي لڳاتار گهڻي ۾ گهڻي ترقي ڀلي ڪئي آهي ۽ ڪڏهن به ماٺائي جو شڪار نه ٿي آهي. پاڻ نون نون ڪهاڻيڪارن حقيقت نگاريءَ سان سنڌي جيوت جي ترجماني به ڀلي ڪئي آهي. سچ ته ڪهاڻي ۾ ان ترقيءَ جو ٻج سنڌ ۾ ۱۹۴۰-۴۲ جي دور وقت نوجوان ترقي پسند ليکڪن ئي ڇٽيو. هنن سليس ٻوليءَ، عام ماڻهن جا ڪردار، واقعا ۽ موضوع کڻي حقيقت نگاريءَ سان سنڌي زندگيءَ جي جهلڪ سان ڪهاڻي کي نواڻ بخشي. هنن مان جيڪي ۸-۱۰ ڪهاڻي نويس ڀارت لڏي آيا تن قلم آزمائي جاري رکي ڪهاڻي ۾ ترقي پسند ڌارا کي اوج ڏني. انهن مان ترقي پسند **تمورتيءَ** ته ساهت لکڻ سان گڏ ساهت ۽ سنڌيت-هلچل لاءِ ٻين بزرگ ۽ نوجوان ليکڪن کي ساڻ کڻي ٻولي تسليميءَ جي سوڀ ڪئي سنڌيت سان گڏ ساهت کي به موڙ نه ڏنو آهي.

اُلٽو هن نون نون ساهتڪارن کي به سنڌي جاتي ۾
جيوت جي ترجماني ڪرڻ لاءِ اُتساهه به ڏنو آهي
ته اديش به رکيو آهي، جنهن اڄ ٽائين اُسول ڪافي
نون ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين مان بيهه پڌرو آهي.
اَڄ ترقي‌پسندن جي ان ڏين کي تسليم ڪيو ويو
آهي.

هتي سنڌ مان آئل ترقي‌پسند **ڏمورتي** مالهي،
ڪيرت، آتم سان گڏ گوبند پنجابي، سگن آهوجا،
ڪرشن کٽواڻي، آنند گولاڻي، ليکو ٽلسياڻي، جيوت
نرياڻي، وغيره طوفان ڪهاڻيون لکڻ سان گڏ ٥٠ جي
ڏهاڪي ۾ چڱا ڪهاڻي‌نويس پيدا ٿيا، جن مان
٨-١٠ تـــ تيز قلم هلائي حقيقت نگاري سان سنڌي
جيوت جي ترجماني ڪئي. مثلاً ٿاپ، ڪلپنا، گوردن،
پوپٽي، سندري، ڪلا وغيره. سگن وانگر ٿاپ کي به
اوچتو ديهانت اسانکان کسي ورتو. ڪن ٻين نون سنڌ
ڪهاڻيڪارن ڪلا پرڪاش وانگر تـــ ١٣-١٤ سال
ڪهاڻي لکڻ ئي ڇڏي ڏني. هڪ ڪهاڻيڪار کي
فلوڪ ۾ ساهت اڪيڊمي انعام مليو ته ٢٠ سال کن
ڪهاڻي نه لکيائين. سندس ڪهاڻيڪار دوست به
نارائڻ شيام کي ڪتاب ارپڻ ڪري ساهت اڪيڊمي
انعام وٺڻ بعد ٻاڪي ٻه-ٽي ڪهاڻيون ڪينڊر ڏانڊوڙي
ٻڌايو ۾ سنڌي ڪهاڻي جي موت جون ڏٿواڻون

ڏنيون. وري ٻه جس آهي هنجي ننڍين ساٿي ڪلپنا
کي جنهن ڪانئن اڳ ڪهاڻي لکڻ شروع ڪئي ۽
اَڄ تائين لکندو اچي ٿو.

٥٠ جي ڏهاڪي وانگر ٦٠ ۾ پڻ اُنهي وچ ۾ ٻـ
جدا جدا ويچار ڌارا وارا ڪافي نوان ڪهاڻيڪار پيدا
ٿيا، جن مان ڪي نه اَڄ بہ پيا ڪهاڻيءَ کي اوج
ڏين، جهڙوڪ ايشورچندر، هري همٿاڻي، هري ڪانت
وشنو ڀاٽيا، هريش واسواڻي، آنند ٽهلراماڻي، لکمي
کلاڻي، ڪمل پياسي، موتي جوتواڻي وغيره. هنن
مان اڪثر پيڪڙ جديديت واري ڌارا سان ڪهاڻيءَ
کي ڌرم رسائي پر اِها لهر ٧٠ جي ڏهاڪي شروع
ٿيڻ سان ماٺ ٿي ويئي ۽ جن ڪهاڻيءَ لاءِ صحيح
ٻولي، سنڌي ڪردارنگاري، مرڪزي خيال، گرامر،
گفتگو، پلاٽ، چوٽي وغيره جهڙيون خصوصيتون جاڻي
ٻجهي ٺوڪاريون، تن پاڻ بہ عمل نه ڪيو. مثلا هريش
جي ڪهاڻي ”گهٽڻي“ ۽ پرم پرڪاش جي ڪهاڻي
”گونگي گڙيئڙي“ (سنگيتا ۾ ڇپيل). ٻين جديديت
وارن جون نه آهڙيون ڪافي ڪهاڻيون لکيل آهن.

٧٠ جي ڏهاڪي ۾ بہ ڪي نوان سنا ڪهاڻيڪار
اُسريا جهڙوڪ ايشور ڀارتي، ڀڳوان ٿلواڻي، سندر اگناڻي،
لڇمڻ ڀمڀاڻي، پرڪاش وغيره. پر ٨٠ جي ڏهاڪي
۾ ته اُڇا ٻـــ وڌيڪ نوان ڪهاڻيڪار اُسريا آهن.

جن مان گهڻيون ليکائون آهن جهڙن وينا شرنگي، سونـي مولچنداڻي، ڪملا گـوڪلاڻي، رينا شهاڻي، اندرا واسواڻي، رڪمڻي چڱاڻي ۽ ايمڻ ڪٽڙيجا، پڳڙان انلاڻي، هولارام همسيجا، ٻنسي خوبچنداڻـي، شوو رامداڻي وغيره.

هن ڏهاڪي ۾ ايترن ڪهاڻيڪارن جو اُسرڻ جو هڪ وزندار سبب اهو ٿو لڳي ته ان ۾ سي.ايچ.ٻي جي صلاحڪار ڪاميٽي طرفـان ١٥٠–٢٠٠ ڪاپيون خـريد ڪرڻ ۽ انعامن ڏيڻ جـي شروعات ٿي. اها شروعـات ڪرڻ جـو شرف ڪاميٽيءَ جي پهرئين چيئرمن ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي کي آهي. ٻيءَ ته ٻين چڱن ٻولين جي سنڌي اڪيڊمين به انهي ٻيروي ڪئي آهي. انجو اهو نتيجو نڪتو آهي جو جيڪي ننڍ جـوهري جهڙا ليک هڪ ڪتاب ڇپائـي ٣٠ سال کن ڏنڌي مان ناڻو ڪمائي يا ٻئي ڪنهن ليک وانگر نوڪري مان رٽائر ڪري ورتي ٣٠ سالن بعد ڪتاب ڪڍن يا سمپادڪ وانگر ٣٥ سالن جي ڏنڌي بعد نئين ٽماهي مخزن ڪڍن يا هڪ ٻئي ليک وانگر ڪوتا بعد ڀاشا وگيان ۽ تنقيد تي قلم هلائي هاڻي ٤٠ سالن کـانپوءِ ڪهاڻين جـو پهريون مجموعو ڪڍيو آتس. اهو به اڄوڪي سنڌي جدوجهد لـي ڪونهي. انڪري ئي سنڌ جي سهڻي مخزن جـي سمپادڪ

طارق اشرف هتي گڏجڻ تي ملاقات ۾ ڏوراپو ڏنس ته اڄ هتي اهڙيون لکيل غير سنڌي جيوت جون ڪهاڻيون پاڻ کي متاثر نٿيون ڪن ۽ "توهانجي ماڻهن جون ڪهاڻيون ڪونهن. ...ڇاڪاڻ ته انهجو حقيقت سان واسطو ڪونهي." طارق اشرف سچ چيو آهي. گرديو ٺڪور پنهنجي ٻولي ۽ زندگيءَ کي ٺڪرائيندڙ ليکڪن کي ننديندي ويٺا سڏيو هو ۽ چيو هو ته هرڪو ليکڪ پنهنجي ٻولي ۽ ڌرتيءَ جو ئي ليکڪ آهي. *

ليکن هتي اڄ سنڌي جيوت کان منهن موڙيندڙ ڪهاڻين کان سنڌي جيوت جون ڪهاڻيون وڌيڪ آهي جيڪي مٿي ڏنل نالن وارن ليکڪن جا ١٠٠-١٥٠ کن ڪهاڻين جا ڪتاب پڙهڻ سان معلوم ڪري سگهجي ٿو. مون اڳا اهي ٿورا نالا ڏنا آهن صرف ٻڌائڻ لاءِ ته هتي سنڌي ڪهاڻي لکڻ ۾ ماڻائي ناهي. ڇو ته نه ته ڪيئن نوان نوان ڪهاڻيڪار، ليمڻ ڪڪڙيجا، ويدا شرنگي، سوني مولچنداڻي، ڪملا گوڪلاڻي وغيره وانگر سنڌي جيوت جون سٺيون ڪهاڻيون پنهنجن تازن ڪتابن ۾ ڏين ها. البت ائين آهي ته هتي جيترو سنڌي ساهت نڪري ٿو اوترا پڙهندڙ ناهن. نه رڳو ايترو پر سنڌي ٻوليءَ جو

---

* پڙهو ٺڪور- هڪ جهلڪ (اي-جي-اُتم) ڪتاب

# ھو جھان - ھي من

موٽڪي کل ڪانه ھئي ته چوطرف ڦھليل ٻاھرين جھان جي ٻن جو ڪک پڻ نه اھڙو ٻلوان آھي جو ڇھ سان اندرين من تي سالن کان اونداھي غفائن جو جميل ميل ھٽائي ڇڏيندم. ھن مارڪيٽ ۾ وينل پاڇيءَ واريءَ جي ٻن ڇٽن ٻولن ڇا لـــ اندر ۾ اٿل پٿل مچائي آـــن. الاجـــي ڪھڙيءَ ڪليءَ ڪنيم جـــو ھڪاليمه ڪئي ماٺس ته ”موٽڪي اڄ رھٽي ۾ ڪوٽميو جا سڪٽا ٽي چار ٻن ڏنا آئيٽي، ٻـــو ھن ٻٽي پائيءَ ڪي ته اصل پيو ڪوٽميو ڏنـــو آئيٽي. مون پاڇيون نه گھٽيون ورتيون آھن. تنھنجو روزانو گراھڪ نه آھيان. مگر ھي ماٺھو ڪيو لڳيٽي؟“

ڇوريءَ ڪـلي ڪلي ڏاڍو ھڪيءَ سان وراڻيو، ”ھي ٻار لڳيم.“ اھو ٻڌي ٻيون پاڇيءَ واريون نه کلڻ لڳيون ۽ ھو ٻڍو مڙس وڃارو ھڪو ٻڪو ٿي ھلندو رھيو.

گهر پهچي، دري ٺڪ ٺڪ ڪيم ته در کلڻ سان
ئي هن ڀائي سڀئي سنڌي آفيس وڃڻ لاءِ ساهيڙيءَ
سان گڏ نڪتي. پڪ ته اڳيئي آفيس ويل هو. مون
کي ڏسي ساهيڙيس مهنجي ڀيڻ کي چيو، ”اڇا
يار، چلو جلدي ڪريو،“ مٿان ڀيڻ مون سان ڳالهائڻ
لاءِ نه ترسي. ڪوڙي نه مشيني معورتي ٿي وئي آهي!
زمانو به ڪيڏو نه بدليو آهي. ڇوڪرن جيهن لٺيڪي
ڪٺي ”يار - دوست“ بڻايو آهي. ان لفظ سان لاڳاپيل
مونکي پنهنجو ماضي ياد اچڻ لڳو. مونکي ورهاڱي
وقت جي سنڌ جي سار ستائڻ لڳي، جڏهن هڪ
ڪنواريءَ ان لفظ ”دوست“ سان مهنجي من ۾ حسد
۽ اوشواس جو ٻج ڇٽيو هو، جڏهن هتي مهنجي
پٽيءَ کي دکي ڪري نهوڙي نيو.

ان وقت سنڌ ۾ مئٽرڪ مس پاس ڪيم ته جلدي
ملڪ جو ورهاڱو ٿيو. ڪاليج ۾ پڙهڻ جي ڪيڏي
نه خواهش ۽ خوشي هئم. ليڪن ان ورهاڱي جڻ
اسانجي هر خوشي ۽ خواهش جو خاتمو ڪري ڇڏيو.
اسان لاءِ ڇوڙاري ڊپ، هراس ۽ بي سلامتيءَ واري
حالت پيدا ٿي وئي، ويتر جو سنڌ ۾ ٻاهران لڏي
آيل مهاجر اچڻ لڳا ته اتي باقي اسان رهڻ جو ڪم
وارو ٿي پيو.

انگريزن جي ورهاڱي جي اعلان سان راتو رات ۾

اسين سڀ ڏري ۾ جـا ڏٺي ڏاڍا ٿـي وياسين ۽ ڏاڍا آئـل مـهاجر مهمان، مـالڪ بـڻـجـي ويا، جو جو هو سامان هتا ۽ اسين هندو. اهو ڀانئي ۾ جو زهر مٺ مصيبت ۾ رهندڙ سنڌين ۾ نئين سر پکيڙيو ويو، جيتوڻيڪ جڏهن جناح صاحب، هندن مسلمانن کي جدا قوم چئي ورهاڱو ڪرايو، تڏهن پاڪستان جي گورنر جنرل ٿيڻ تي پهرئين ڏينهن چيو ته هاڻي پاڪستان ۾ نـ ڪو مسلمان ۽ نه ڪو هندو سڀئي هن ملڪ جو هڪ جهڙو شهري واسي برابر ۽ حقدار رهندو. مگر ان اعلان تي عمل نه ڪيو ويو.

انڪري اسان اڏيندڙن کـي جيئن موقعو مليو، تيئن پنهنجو گهر ٻـار، سامان سـڀ، ڪوسا ڪوهر ڪري وڪڻي وڃڻو پيو. ڪي نه پنهنجين ننڍي عمر وارن نياڻين سـي ٻـ انڪر ۾ شيدهن ڪلهي چاڙهڻ لڳا. رائوارت ۾ ورهائڻ ۽ مڱڻا ٿيڻ لڳا. ڪٿي لـ نه پورا سات سگهڻ ٿيا ۽ نه خوشيء سان نڪرڻ ڪلڻ ٿيو اصل گدگه ٻرڻ ۽ گهٽ پوسات ۾ هتيالا پڏجي ٿـي ويا ۽ سڀ ڦورا پاڻا ٿي ويا. نـ آڪهه ۽ عمر نـ صورت ۽ سيرت، نه علم ۽ عقل، نه پيار ۽ پسندي ۽ نه سياء ۽ واپارن کي ڏنو ٿي ويو.

منهنجو پـ، انهن هتيالو پڏو ويو، پاڻ کان ٧-٨ سال وڏي عمر واري ڪاليج پڙهيل مـاستر سان

مالڪن کي گھڻي ئي مدت ميڙ ڪم ٿيو. اڃا صغير ٻالڪي آهيان، ڪاليج پڙهڻ ڏيو. هن ننڍيءَ عمر ۾ شاديءَ جي ڄنجال ۾ نه ڦاسايو، نه منهنجي عمر وارن زالون ٻڪاري ڄماڻون ٿيون. ڏس، اڄ منهنجيءَ عمر ۾ هي ٻن ٽن ٻارن وارن مائرون به ٿي وينديون هيون.

اهين ولڪي شيدن ڪلهي چاڙهي منهنجي ماءُ، ننڍو ٻڌ ۽ ٻڌ ٿو. جلد سعد مان لڏي هليا ويا. هنن جي لڏڻ وقت حيدرآباد اسٽيشن تي، ٽوان ۾ چڙهڻ لاءِ ڪيئن نه ڪين ربن اڪيلين جو ڏڻ ٺٽو پيو هو، اهو نظارو ياد ڪري اڄ به ڏرن ٿي ڏڪيم.

مالڪن کي اٻرائي، اسين گهر موٽياسين ته منهنجو گهوٽ مونکي ٻاهر چڙي ٻاهر ٻاڙي ۾ مسلم دوست وٽ هليو ويو. مون اندر اچي ٿوري ساهي پٽي ته مس ٻانيءَ کو ڪتاب کڻي اچي مونکي ڏنو ۽ ڌانڪي ڏيکاري به چيو، ”اڙي مڙس ڪنوار هي ڏس هوءَ ٻاڙي واري ڪاليجي ڇوري آهي نه، ڏنهن هي ڪتاب گهرايو. ڏنهن لاءِ ڏنو آهي. اڄ مونس ته ٿون هنجي ڪيو ٿين ته ٻروشيءَ مان ڪلي چيائين، ”هو منهنجو دوست آهي.“

اهو ”دوست“ لفظ ”يار“ جهڙي روپ ۾ اڄ هن ٻاجهيءَ واريءَ جي والان ڀڄي منهنجي حسد جي ٣٠

سالن اڳ، سعد واري ڪهاڻي اکين اڳيان ڦري آئي آهي،

ان زماني ۾ "دوست" لفظ لي ته منهنجي سس کي نه ڏاڍو عجب لڳو هو، ٻه منهنجون ڀيڻون منجهي ويٺيون هيون. وري ان ڪتاب ۾ جو انگريزي شاعر بائرن جو "ڊان جان" جو عشقي قصو ۽ رومانس وارا فوٽا ڏٺم ته ڳوڙهن ڀرجي ويم. اهي فوٽا سس کي ڏيکاري چيم، "ڏسو منهنجي لاڏلي پٽ جا افعال، ڪهڙا نه ڪتاب پڙهائي ڪندا رهن کي؟"

هن اها سڄي ٻڌائي هئم جا اڄ ٻه نه وسري آهم. چيائين، "رني راڄ رلايا، آهن ڪهڙا ڏوهه. ڏس نه هن ڪنواري ڇوڪري کي ڪهڙي ڪنڌ ڪٽيو جو مڙسن جي ساهمڙي ٿي بڻجي؟"

مونکي سس جو اهو سچ دل سان لڳو هو جو اڄ ٻه نه وسريو اٿم. حقيقت ۾ منهنجي سرڳباڻي سس ڏاڍي صاف سڌي، سادي سودي، سچ چئي ڏيندڙ سڀاءَ واري هئي. جڏهن سندس پٽ هن خلاف منهنجي شڪايت ملي ڪيس ڪجهه ڏنڀ ڪندو هو ته هوءَ بي ڌڙڪ چوندي هئس، "متا، ڏلو پڙ ولو ڪڙ. چم چيري ڇڏيو الماڻه. ماءُ جو ادب لحاظ رکي، جوءِ جو مٿو نه ٿي کڻ."

اهو ٻڌي سڄي گهر ۾ ٽهڪڙو مچي ويندو هو.

ٻو مون ان رهڻ چهڻ واري وايو منڊل ۾ وک پوري
ڇڏيو، جڏهن ٻنهيءَ کي غصي ۾ چيو هوم، "هي
ڪسو ٻان جان جي رومانس جو ڪتاب، توهانجي
ساهيڙي ڏني وٺي اٿو."

هن ماٺ وانگر صاف سنئي سادي سودي نوع ۾
چيو، "اهو ڪاليج ۾ پڙهي آهين ته، ته هن ڪتاب
جي ڪاوڙ ۾ ساڙ نه لڳڻ گهرجي. هي آزاديءَ جا ڪوڏيا
ڪري بائرن ۽ شيلي وغيره ڪاليجي ڪورس ۾ پڙهڻا
پوندا آهن. خود اسانجي ٽئگور، جواهرلال جا به
هي دلپسند ڪري هئا. هي ٻان جان ڪتاب،
پاڙيسري مس پاروانيءَ ٻهڻجي پڙهڻ لاءِ ڪاليج جي
لئبريريءَ مان ٻاڻ ورتو هو. سو مونکي به ٿي پڙهائي.
۽ ڪتاب ته اسانجا سڀ ڪان دلسپ دوست آهن."

مون طنزي نوع ۾ پڇيو هو، "۽ هن ساهيڙي
مس پاروانيءَ کان به؟"

۽ ٻنهيءَ ان طنز جو جواب ڏاڍو سادگيءَ سان ڏنو
هو، "اڙي ها، تڏهن ڇا؟"

هنکي ٻرابر ڪتابن سان بيحد پيار هو. اهي ڏاڍو
چاهه ۽ چوج سان پيو پڙهندو هو. جيڪو ڪجهه انهن
۾ اهم لڳندو هوس، ان جي هيٺان ليڪا پائي
ڇڏيندو هو. ڪيترائي ماڻهو وٽس ڪتاب وٺڻ ڏيڻ
۽ صلاح ڪرڻ لاءِ ايندا هئا. پر جڏهن هوءَ ساهيڙي

پيا. مان به هن وقت آئي لـــي ته ڏاڍي جلن ۽ حسد
ٿي ٿيم ۽ هنجا چيل لفظ ”هو منهنجو دوست آهي.“
دماغ ۾ جهڙسي ٺوڪا هڻندا هئم.

مان انڪري سنڌ مان لڏڻ لاءِ پٺي ۽ جو سو ڪاٿي
ويس. پر هو انهن ڪرڻ لاءِ تيار نـــ هو. ايتري قدر
جو سنڌ سان مائٽ به لڏي ويا ته به چوڻ لڳو، ”هي ۽
جيئي جنم ڀـــومي ڪيئن ڇڏي؟ رامچندر سونـــي
لنڪا کي بـــ پنهنجي جنم ڀـومي ايوڌيا اڳيان تڇ
سمجهيو هو. اسانجي سنڌڙي به اسان لاءِ ايڏي اهم
پورو ڀومي آهي.“ وڌيڪ چوائين، ”هي ۽ حيدرآباد جي
هيرآباد ۽ هـومسٽيڊ هال، قلعي واهه ۽ گدو بندر،
پـت شاهه ۽ بسنت لاج وغيره ڪيئن ڇڏي هلي
سگهبا؟“

پر مونکي لهائين شڪ وڌڻ لڳو ته هو سڀ اهي
بهانا ٿو بڻائي. هو هن ساهيڙيءَ کـــان پري ٿيڻ نٿو
چاهي. حسد ۽ شڪ مون لـــي ميل چاڙهي ڇڏي.
ساهيڙيءَ جا لفظ پيا ياد ايندا هئم ”هـــي منهنجو
دوست آهي...“

هوڏانهن وڻهاڳي ڪري ملڪي حالتون بدتر ٿيڻ
لڳيون. اخبارن ۾ هندو مسلم ڦٽن ۽ ڪلفت وڌي
وڃڻ جون به خبرون ڇپجڻ لڳيون. سنڌ ۾ جتي اڳي
هندو مسلمان ڀاڻ ۾ اوڙي پاڙي ۾ ابو امان ٿي وينا

هوندا هئا، سي هاڻي هڪبئي جا دوست ۽ مددگار بہ ٿي نہ سگھيا. مهاجر پاھوار ايندا رهيا. ڇڪتاڻ وڌندي رهي ۽ شهر لڏپلاڻ جي ڪري هندن کانسواءِ بہ سا پسا پئي لڳا. ان هوندي بہ مونهنجي پيءُ سنڌ مان لڏپلاڻ لاءِ مونهنجي ڳالهہ نہ پئي ٻڌي. ان وقت ورهاڱي کي ڇهہ مهينا بہ نہ ٿيا هئا جو جنوري ۾ مهاجرن حيدرآباد ۾ فساد ڪرايا. ٿورو وقت اڳ ۾ ڪراچيءَ ۾ بہ هندن فساد ڪرايا هئا. جيڪي ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ نہ ٿيا هئا.

انهن فسادن ۾، اسانجي سنڌي مسلمان دوستن کان اڳواٽ اطلاع ۽ مهل سر مدد پهچڻ ڪري اسانجو بچاءُ ٿي ويو. پر هنن بہ سنڌي مسلمانن هندن جو بچاءُ ڪيو. جيئن ڀارت ۾ فسادن ۾ ڪيترن هندن هندن پنهنجي مسلم پاڙيسرين ۽ دوستن جو بچاءُ ڪيو هو.

ان منحوس جنوري مهيني جي پڇاڙيءَ ۾ دلشڪستا مهاتما گانڌيءَ جي شهيديءَ جي خبر ٻڌي هاهاڪار مچي ويو. مونهنجي پيءُ کان روئڻ کٽي رچ پيو. هو ايڏو دکي ۽ اداس ٿيو جو نيٺ سنڌ ڇڏڻ جي منهنجي ڳالهہ مڃيائين، جيتوڻيڪ سندس ساهيڙيءَ اڃا نہ لڏيو هو. تڏهن خوشي ٿيم ۽ من کي بہ شانتي آئي. ليڪن عجب ۽ جڏهن لڏي ٿي وياسين، تڏهن

هوءَ منهنجي پتيءَ سان ملڻ آئي ۽ دل ۾ دٻيل حسد
جاڳي اٿيو. کلندي چيائين، ”هن پهرڻ کي ٻه گل
ٽڪا وٺي هلو.“ ته مون ٻورو کيڪاريومانس به ڪونه.
ويتر جو منهنجي دوست ڪـــي انگريزيءَ ۾ چيائين،
”مونکي وساري ته نه ڇڏيندين“ ته ٻوسرجــي ويس.
جينٽوٽيڪ اهڙي نموني منهنجي پتيءَ جي دوستن به
مون سان انهن پنهنجائپ سان ڳالهايو هو، ۽ هو هيڪي
ته ان تي ڪڏهن به حسد نه ٿيو هو. اڄ به هن پاڇيءَ
واريءَ جــي گفتار ان نظاري کــي من جي پردي تي
زنده ڪري بيهاريو آهي.

...اسين بمبئيءَ ڏانهن روانـــا ٿيڻ لاءِ ڪراچيءَ ۾
آياسين. اتي پتيءَ جا ڪي مسلم دوست موڪلائڻ
آيا. هڪ پوڙهي گلي سان ور ور ڪري چيو، ”امڙ
سنڌڙيءَ کي نه وسارجو.“ منهنجي پتيءَ به موڪلائيندي
چيو، ”دعا ڪجو ته هتي امڙ وٽ جلد موٽي اچون.“
مون کي هن جي اها ڳالهه اصل نه وڻي ته چيومانس
”هاڻي هتي ڪهڙو مٽ مائٽ ويٺو آهي، جنهن وٽ موٽي
اچبو؟ اڃا تازي شادي ڪئي اٿو. پتيءَ جي فرض
پالڻ لاءِ ڪو خيال اٿو يا نه؟“ ڏاڍي پيار ســـان
چيائين، ”هتي ڏٺئه ڪونه ته نهنجو خيال اٿرو رکيم
جو ماءُ وٽان، جوءِ جــو مڙوءَ جو لقب مليم. سندس
لڏي وڃڻ ڪانپوءِ بـــ، خبر نه رکيم ته گهر وارا هاڻي

ڪٿي آهن؟" مون به کيس چيو، "اُئين ته هٿيالو
پڄڻ بعد مون ۾ ماڻهن کي وساري ڇڏيو آهي."

اسين جڏهن بمبئي جهڙي اجگر شهر ۾ پهتاسين
ته اڳي آيل سنڌي ڏاڍو دربدر هئا. الاجـي ڪيترو
وقت کليل آسمان هيٺ گهارڻو پيو. ان بعد ڪلياڻ
ڪئمپ جي بئرڪن ۾ گوڻ جا پردا ڏئي به رهڻو
پيو. ڪڏهن ٽين جي لتل ڇتين هيٺ ته ڪڏهن
چوماسي ۾ وهندڙ ڇتين هيٺ به سمهڻو پوندو هو.
روزگار لاءِ پنهنجن ٻانهن تي ڀاڙيندي به مڪاني ماڻهن
جون ملامتون ٻڌيون سهيون هيون. اهـڙي مصيبت
جـي وقت سنڌ ۾ ڪشادن ڪمرن ۽ وڏن آڳڌن
وارن هوادار گهرن ۾ گهاريل سکي ۽ سانتيڪي جيوت
ڏاڍي ياد پوندي هئي ۽ قدر ٿيندو هو. سچ پچ وٿ
وڃائڻ بعد ئي ان جو قدر پوندو آهي، جنهن سنڌ وارن
کي به اسانجو هاڻ قدر ٿيو آهي.

اسين ڪئمپ ڇڏي اچي بمبئيءَ جي پسگردائيءَ
۾ رهياسين. ٻن ٽن سالن ۾ ٻـي ٻن مان چار ٿـي
وياسين. منهنجو سڄو وقت گهر ۾ ڌيءَ ۽ پٽ جي
پالڻ ناڻڻ ۾ ئي ٿي ويو. انڪري پتيءَ کي نوڪري
ڪرڻ لاءِ زور نه پيو. پاڻ ئي سڄو وقت آجيوڪا لاءِ
ماستري ۽ ٽيوشن ۾ صرف ڪيائين. پر ڪڏهن به
ڪا چوڪري پتيءَ وٽ پڙهڻ ٽيوشن يا ٻئي ڪڏهن

ڪم لاءِ ايندي هئي ته هن جي سنڌ واري ساهيڙي
ياد ايندي هئي، جنهن جو ڪڏهن ڪڏهن خط به
پيو ايندو هو. تڏهن منهنجي دل ۾ حسد جاڳي اٿندو
هو. انڪري گهر ۾ ڪٿ پٽ پئي ٿيندي هئي.
ڌيءُ وڏي ٿيڻ لڳي ته ڌيءُ جو ۽ پٽ منهنجو طرف
وٺڻ لڳو. هڪ ڏينهن بمبئيءَ کان ٻاهر رهندڙ سنڌيءَ
جي گهر ۾ ڌيءُ جي شادي ٿي وئي، پر سکي نه
هئي. پٽ به ڪاليج پڙهڻ سان گڏ نوڪري به ڪرڻ
لڳو. ڪاليج پورو ڪري سول مئريج ڪري ڪنوار
وٺي آيو. نه صلاح مصلحت ۽ نه سوڙ سان ڪيائين.
انڪري گهر جي ڪلڪل وڌي وئي. پٽ منهنجي
پاسي هو، پر ننهن سهري جو پاسو کڻڻ لڳي ته
حسد جي باهه ڀڙڪي اٿي. وري حسد سان اسٽوري-
هڪ ٻانهن ٻيلي ٿيو ته پٽ جي خلاف من ميرو ٿي رهيو.
نيٺ هڪ ڏينهن هو اوچتو ٿي دل ٽٽڻ سبب
وڃي سائين سڪالو ٿيو. تڏهن ننهن ان لاءِ گهڻو ٿي
روئي ڌوئي، پر حاسد ۽ هٺيلو من مڃي ٿي نه. مون
پهرين ٿي پئي رهيس. پر آخر پاڇي پيريءَ لاءِ گهر
کان ٻاهر نڪرڻو ٿي پيو ۽ بدليل جهان ڏسڻو ٿي
پيو، جنهن جي هڪ مزدور جي زال ٻاجهيءَ واريءَ
جي صاف سڌن سچن ٻولن منهنجي حاسد ۽ هٺيلي
من کي شڪست ڏني آهي. (۱۹۸۸)

# ننڍڙڪو

اڄ پراڻي سال جو آخرين ڏينهن آهي. سڀاڻي
نئين سال شروع ٿيڻ لاءِ خوب رش چهل لڳي وئي
آهي. اسانجي پاڙي ۾ خاص رونق آهي، جو
پاسي ۾ ديول آهي ته ويجهو مندر آهي ۽ ٿورو پري
مسجد به آهي. سچ پچ سمجهون ۽ ڌرمي ميلاپ جو
نظارو آهي. رستن تي ڀانت ڀانت جا ماڻهو ڏسبا ٿي
آهن، پر ديول جي سامهون واري بس اسٽاپ تي ته
ميڙو متل هوندو آهي. اڄ ته اُلسي جڳ نماءُ آهي.
ڇهڪ ڏهڪ جي خوب چمايڻي آهي. سڀ زالون
مرد هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ جي ڪوشش پيا ڪن.
مان آفيس ۾ وڃڻ لاءِ ان ئي بس اسٽاپ تان روز
چڙهندو آهيان. مون سان گڏ ديس پرديس جا الاجي
ڪهڙي جاءِ، ڌرم ۽ ٻوليءَ وارا به چڙهندا
آهن. بس ۾ اڳو لڳو وهڻ ۽ بيهڻ ۾ هو سڀ ڀيد ڀاوَ
وساري رڳو منزل تي پهچڻ لاءِ منتظر هوندا آهن. ٻو
بمبئي جو هي بس اسٽاپ ڪن لاءِ رومانس يا روح-
رهاڻ ڪرڻ، ڪن لاءِ بزنس سينٽر ۽ ڪن لاءِ ميٽنگ

پلمس يا ٽائيم پاس ڪرڻ جو ٺاڻو ٺڪاڻو به آهي.

اڄ ١٩٩٠ سال جي آخرين ڏينهن شام جو آفيس مان موٽڻ تي هڪ دوست راڪ ۽ رول پارٽيءَ ۾ وٺي هلڻ لاءِ زور ڀريو آهي. مـان هن بس اسٽاپ تـي ساڻس ملڻ لاءِ بيٺو آهيان. رڪـي رڪـي منهنجي نظر ڏيول ۾ ويندڙ ۽ ٻاهر نڪرندڙ ماڻهن کـي ڏسندي مٿي گنبذ وٽ لـڳـل عيسائي جـي سفيد صليب (ڪراس) تي پهچي ٿي. الاجي ڇو ڪڏهن ڪڏهن انتظار جو وقت جڻ صليب تـي چڙهڻ جيو ڀاسندو آهي. اڄ بس ۾ ڪجهه وڌيڪ رش آهي. ان ڪري شايد دوست دير ڪئي آهي. نيٺ دوست آيو تـه انتظار به پورو ٿيو.

مان دوست سان گڏ بس لاءِ قطار ۾ بيهڻ لاءِ اڳتي وڌيس ته سامهون اسانجي پاڙي جو بزرگ سفيد وارن، مڇن ۽ ڪپڙن وارو هٿ ۾ سفيد ڳوٿري ۽ ڪڇ ۾ سفيد ننڍي زناني چٽي جهلي اچي بيٺو. مونکي مرڪي هي بيت گنگنايائين:

”پٽڙ ٿو ڇا ڪن ديو نـــ ڏسن ڏيهه ۾،
مورک ڪين ڏسن ساميءَ سچوان کي.“

مونکي ان ساميءَ جي سلوڪ پڙهيان هن جو ڪو درد اڪل نظر آيو ۽ هـسـي پهرين پراڻي سال وارو صليب ياد اچڻ لڳم، جنهن کي چڙهڻ ڪملن ۽ ڪوڪن

ساڻن لوڪي لوڪي ڪنهن واءُ هجي. انڪري چوندو هجي "ٻڌو ٻوڇا ڪن، ڏاڍو نه ڏسن ڏاڍهه ۾..."

ڪاڪي مونکان ڪلمدي پڇيو، "ڇـــورا ڪهڙي چرخ شماري (شڪل) تي سيپوري هلڻو آهين؟"

"هميشه نه آفيس وڃان ٿو. شام جو مون کي هڪ دوست پراڻي سال جي الوداعي پارٽي ۾ راڪ ۽ رول ڊانس ڏيکاريندو. اها ٿيندي چرخ شماري."

منهنجي دوست ته ڪجهه مذاق ڪندي چيس، "ڪاڪا توهين نه ڪرسمس وارا اصل سفيد سانتا. ڪلاز جهڙا پيا لڳو."

ڪاڪي ڏڪاري شڪايتي نوع ۾ چيو، "ڇورا پنهنجي سڀيتا، سنسڪرتي، مان مرياد وساري ڏاري انگريزي سڀيتا جا غلام ٿي ويـــا آهيو ۽ ڪرسمس، سانتا ڪلاز ۽ راڪ ۽ رول کي گلي لڳائي ويٺا آهيو. اسين توهان جي عمر ۾ سنڌ ۾ عن سماري جـــي مدد ۾ لال لولـــي، اتراڻ جهڙا پنهنجا ڏڻ وار ملهائيندا هئاسين. جهمر، هوجمالو جا نـــاچ ۽ پڳهون ڏسندا هئاسين ۽ سنڌي ڪلامن، ڳائڪن جا پروگرام ڪندا هئاسين. ڇا نه پيار ۽ پنهنجائپ هئي! هتي نه رهي پنهنجائي، نه وفائي ۽ نه سچائي؛ ڏاڍن ڀالـــي ۽ جو ڪو اهڙو پيچ چليو جو وڃي ٿو وڌاءُ وڌندو."

مون چيو، ”پر ڪاڪا، توهان جي گهر وارا به
اسان وانگوئي آهن نه.“

ڪاڪي ڏاڍي ڏک مان چيو، ”پٽ، اهي ٿي
نه رهيا آهن نه. هتي ٿي اسٽاپ تي بيهي بس لاءِ
منهنجي ڪاڻاٽو ننڍي ڌيءَ آفيس ۾ وڃڻ لاءِ هڪ
هزار رپين جي نئين انگريزي فراڪ ۾ ڏسندين. ته
اڳيان بئي اسٽاپ تي وري سندس ماءُ ڪنهن ڪٽي
پارٽيءَ لاءِ چنچي ڏکجي سيري پيل ڏسندين. گهر
۾ وڏو پٽ پنهنجيءَ جاليءَ ۾ شادي ڪري پٽائتو
مانائتو گهر وارو ٿيڻ بدران، آفيس کولي ويٺو الاجي
ڪهڙا کيل کيلي! بس باقي نه هن پراڻي سال وانگر
وڃڻ وارا ٿي آهيون.“ چوندي وري ساميءَ جو
سلوڪ اچاريندو ويو:

”پڙهو پوڄا ڪن ڏيو نه ڏسن ڏيهه ۾...“

مون دوست کي چيو ته هن ڪاڪي جي حياتي
اصل نندڙڪي آهي. روز صبح جو هو گهر مان هن
ساڳي ڪوٺيءَ ۾ روٽي وجهي نڪرندو آهي. هن ۾
هو موسم ۾ اُس ٿوڙي ميدهن ڪان بچڻ لاءِ چڙهي
هوندي اٿس. سچو ڏينهن ڪڏهن ڪنهن بس اسٽاپ
تي ته ڪڏهن ڪهڙي هنڌ پنهنجي وقت گذاريندو آهي
۽ پوءِ ڪنهن هوٽل ۾ ويهي ڪوٺيءَ کولي منجهند
جي روٽي کڻي کائيندو آهي. انهن پڙکندو

ٻڏندو ڏينهن ٻراءِ مهل گهر موٽندو آهي. رات جو
جهڙي تهڙي ماني کائي ننڊي ٻالڪنيءَ ۾ سمهندو
آهي. ٻاڙي ۾ رهندي ڪڻ ڪي ته ائين به چوندو ٻڌو
اٿم ته جنهن اولاد کي پيو سڻ ڪاڪي خوب
ڪشالا ڪڍي پاليو ناتيو سو اڄ ڪهڙو نه نمڪ حرام
آهي جو وچاري کي پيريءَ ۾ هيئن ڏکن ۾ وڌو
آهي.“

منهنجي دوست چيو، ”يار نئون زمانو آهي،
ڪنهن کي ڪهڙن ڏوهه ڏجي. هر ڪنهنکي پنهنجو
صليب پاڻ کڻي هلڻو آهي.“

مون چيو، ”منهنجو پيءُ جو سنڌ ۾ ڪاڪي
سان گڏ پڙهيو هو ۽ دوست هوس، سو ڳالهه ڪندو
آهي ته ڪاڪو ڏاڍو وڏوان، وڏي دل وارو ۽ آزاد
خيال هوندو هو. زال ڇوڙي ٻارن کي خوب آزادي
ڏني هئائين. منهنجو پيءُ چوندو هوس ته ڏيان رک
گهڻي آزادي برباديءَ نه بڻجي وڃي. ڪجهه انتظام ۽
ضابطو رک. بابو چوندو آهي ته پنهنجي جنم ڀومي
سنڌ ۾ پنهنجن ماڻهن ۾ اهڙي آزادي ۽ آزاد-
خيالي هلي ويندي هئي، پر هتي اُتاهه اجنبي واري-
ماحول ۾ هڪ ڪاڪو ته، پر پنهنجي سڄي جاتي ئي
ننڌڪي ٿي وئي آهي...“

”چڱو ھاڻي اڳتي ھل، تنھنجي بس اچي ٿي
پيئي. جلدي ڪر.“ دوست ڇڙٻ ڏيندڙ چيو.

مون کان فقط ھي لفظ ”يار، ... وچ، ھاڻڪي
ھوسن ڪاڪي جي حالت اچ ڏاڍو دکي ڪيو آھي
۽ آفيس وڃڻ تي دل اٿي ٿي.“

”آھہ [illegible] ...“

”چڱو يار، مان ته وڃان ٿو، تون ان ننڍڙڪي
ڪاڪي لي پلي پيو ڳوڙھا ڳار.“ چوندو منھنجو
دوست بس ۾ چڙھي ويو.
(١٩٨٩)

# ٻه ساھيڙيون

"اَبا، ڏيڏي سڙي وئي ...
اَلا، ڏيڏي جلي وئي ...
اَبا ڏيڏي ٻري وئي ..."

مان ھي ٻي سرو سوگھ ٻڌي ڪمري کان ٻاھر آڳڻ ۾ آيس ته ڏٺم منھنجي ڀيڻ جي ساھيڙي ڪملا مونکان ھن ٻاھر پڇي، ٻاٿ روم ٻاھران بيھي کلي چئي رھي ھئي، "اَبا ڏيڏي جلي وئي..." مونکي اھو ٻڌي سمجھڻ ۾ دير نه لڳي ته ڪملا اھو سڀ ڪجھ پنھنجي ساھيڙيءَ ۽ منھنجي ڀيڻ وندريءَ کي چيڙائڻ ۽ ساڙڻ لاءِ چئي رھي ھئي، جيڪا ساڻس گڏ آفيس ۾ نوڪري ڪندڙ آھي ۽ ھوءَ اڄ جلدي موڪل وٺي آئي ھئي.

ڪملا کان پڇيم، "اڙي ھيءَ وري ڪھڙي نئون-ٻاڙيءَ جو فيشن ڪيو اٿئي؟ ٻڌاءِ ڇا ٿيو آھي؟"

کلي چيائين، "ڏيڏي ٻاھر نڪري ته ٻڌايان ٿي."

ايتري ۾ وندري ٻاٿ روم مان نڪتي ته ڪملا

سوڀ ڀالال سو رهيو، سپاهيءَ وانگر فلڪ سان چيو،
"ڏيڏي، ڏيڏي اڄ ڪيهي ڪمال ڪري ڇڏيو،
اصل ڳالهه ئي نه پڇو."

وندري ٻٽ ٻڌي بيٺي رهي. مون پڇيو، "ڪهڙو ڪمال ٿيو؟" نه ٻڌائين، "ڏيڏي، ڪيهي چيو نه تون اڄ وندري کان وڏيڪ ٻٽي وٺي ... اصل ٻوٽي ڪٿين ٿي لڳين ... اهڙا ڏيـدي سڙي وڃي ... جلي ..." ڪملا وڏيڪ ڪجهه چوي ٿي تنهن کان اڳ اکين مان آڳ جا اُلا وسائيندڙ وندريءَ ڪيس وارن کان اُٿين جهليس جئن ڪا ٻلي ڀنڀڪي شڪار ڪولي کي پڪڙيندي آهي. ٻوءِ سندس پيٽن کان ٻيهندي لوڏائي پڇائينس، "هان، توکي ڪاري ڪيهي چيو آهي ته تون ٻوٽي ڪٿين آهين ۽ تون مون کي اهو ٻڌائي ساڙڻ جلائڻ آئين آهين، ڏسڃ نه سياڻي آفيس ۾ ڪٿن ٿي لاڪ لاهيائنس."

ڪملا ٻه پاڻ ڇڏائڻ لاءِ وندريءَ جـا پيٽا پٽيا.
مون پيٽر کي چيو، "ڇڏيس. ٻئي ساهيڙيون آهيو کي وڙهاڻيون، جو هٿن پيٽا پٽڻ وٺيون آهيو؟"

ٻر وندريءَ ساهيڙيءَ کي ساڙڻ لاءِ چيڙائي چيو، "سو تون هاڻي مڌهنجي ڪيهي جي ڪٿين ٿي ٻڌجين!"

مون وندريءَ جو هٿ ڪملا جي وارن کان ڇڏائڻ

لاءِ چيو، ”ڇڏيس تہ ڪٿي ڀاڄاڻ نہ اچي توهانجو
هي تماشو ڏسي، شرمائيم. شڪر آهي جو هوءَ اڄا
ٻيڪي گهران موٽي نہ آهي. جــاڻ اچڻ ۾ هوندي.
ڪالهہ ٻہ ٽنهي جي شاديءَ لاءِ آناڪاني ڪرڻ ۽ ماڻهن
ڦوري هلمت تي ڪافي ڪمت ٻت ڪيائين. ڇوڪي ٿـي
تہ توهانکي ڇهہ ست سال شادي ڪري ٿي ويا آهن
تہ ٻہ ژنانو من نہ سمجهيو اٿو. ٻڇوٻهن سالن جـي
ڏگهہ ٿي آهي، اڄا گهر ۾ ٻيو ڪري ٻوجهو اٿو ڇا؟
اوڙي ٻاڙي ۾ ٻهار ٿي ٻيٺي آهي“

وندريءَ مون ڏانهن ڏٻان نہ ڏيٺي ساهيڙيءَ جا
پيدا ڇڏي ڏمڪ سان پڇيس، ”ڪيئي توکي ڪيڏي
مهل چيو تہ تون ٻيوٽي ڪٿين آهين؟“

ڪملا سهمجي چيو، ”تون اڄ آفيس مـان لنچ
کان ٿورو اڳي موڪل وٺي وئين ۽ تہ ڪيئي ڪٽلن
۾ هلي لنچ ڪارائي...“ ڪملا وڌيڪ ڳالهائو ٿي تہ
وندري چيلهہ ڪـي اٿين جهلي بيٺي تہ جڻ اجها ٿي
ساهيڙيءَ جو بيت ڦاڙي لنچ ڪليس ٻاهر. ٻہ ٻوءِ
ٻري ٿي پڇيائينس، ”هـا ٻـوءِ ڇا ٿيو؟“ ڪملا
سهمجي ڪيٽي ٿـي ڪيي تہ وندريءَ واڪو ڪري
چيس، ”جلدي ڇڙ؟“

ڪملا چيو، ”لنچ کائيندي مـوڪي چيائين:
ڪملي تون اڄ وندريءَ کان ٻہ وڌيڪ ٿي وڻين. اصل

ٻولي ڪٿين...“

وندريءَ وچ ۾ ئـي ٺٺولي ڪيس، ”واهه ڪنهن جي ڪٿين ڪملا ٻائي، توهين هنجي ساراهه ٻڌي ايڏي ٻري ۽ ٻڙب ٻيٺي آهين جو خاص مونکي ساڙڻ جلائڻ لاءِ منهنجي گهر اچي راڳ ۽ رول ڪيو اٿيئي ۽ مون بيحال بدن کي بيمار ڪيو اٿيئي. ٻر ٽوکي سڌ آهي ته ٿورا ڏينهن اڳ مونکي ڪنهن ڇا چيو هو؟ چي: ٻاڻ ته ٻائي ڪلاڪار طبعيت جا آهيون، سونهن جا سودائي، اسين ڪڏهن سهڻيءَ جا ئي ميهار ٿيا سين. ان تي مون مذاق اڏائيندي چيومانس: ڪارا ڪيا، شڪل ڏسـي اٿـيئي؟ کهڙي سهڻي، انهيءَ لاءِ ڪارن ڪنن ۾ ڪاهي پوندي؟ اڄ راڌا ڪرشن جـو ٻــه زمانو ناهي. سو ڪملا ٻائي، منهنجي ان مذاق ڪنهن جا ڪپات تي ڪولي چڙيا ٿا ڏسجن جو ٽوکي سهڻي ڪري ڦاسائڻ لاءِ ساراهه جو سانگ رچايو اٿس. ٿون ٻه اهو سانگ نه سمجهي آئي آهين منهنجو حسد جاڳائي جلائڻ مان ٻه ڏسان ته ڪٿين ٿو اهو ڪارو ڪيو ٽوکي ٻنهجي راڌا راڻـي ٿيائي.“ چوندي چوندي وندريءَ جـو من ڀرجي آيـو ۽ هوءَ ٽڪڙي اندر ڪمري ۾ هلي وئي.

مون ڪملا کـي چيو، ”تو ڪو سوچيو ته وندري ٽوکان ٻـه ٽي سال وڏي ٻنهي ڄڻن ڏيندي آهـي،

اڏهن ڪي ھٿن جلائبو ڇڏيائيو آھي؟ توکي ياد آھي
آھي تہ ھن پارٽ ايم-اي جو امتحان نہ ڏنئي، اُنجي
ڦي بہ توکي ڏني تہ جيئن تون بي-اي جي ڦي پوري
امتحان ڏئي سگھين. ھن اڄ تاءِ ايم- اي جو امتحان
نہ ڏنو جو ڪيس جلدي نوڪري ملي ويئي ۽ توکي
بي-اي پاس ڪرڻ تي پنھنجي آفيس ۾ نوڪري
وٺي ڏنائين. توکي اھڙي ساٿڻ مددگار ڏيندي ڇھڙي
ساھيڙيءَ سان ڪيئن ايترو حسد ۽ ساڙ ٿيو!"

"اَنڪل، ائين تہ وندري بہ مون سان حسد ساڙ
نہ ڪيو آھي ڇا؟ منھنجي ٻواءِ فرينڊ جو مون سان
پيار ڏسي ھن سان تمام فري ٿي فلرٽ ڪيائين ۽
ناز نخرن سان اھڙو ھرڪائڻ لڳس جو ھو مونکان ٿي
منهن موڙڻ لڳو." ڪملا چيو.

"سو تہ ڇڻ اڄ بدلو ورتس، ھو ڏنھن ڪھڙي نہ
دکي ٿي ويئي وندري."

"توھانکي سڌ ناھي منھنجي ٻواءِ فرينڊ سان فلرٽ
ڪرڻ مھل منھنجي بہ ڪھڙي نہ دکي حالت ٿي ھئي ۽
وندريءَ جي ان ٻواءِ فرينڊ ڪيئي ٿي منھنجي دل
وٺي دک دور ڪيو."

اھو ٻڌي ۽ ڪملا جي ڪئي لاءِ ھمدردي ڏسي،
مون کان ٽهڪ نڪري ويو. چيم، "ڇوريون توھين
پڻي ڪاليج پڙھيل تہ ڏاڍيون ماڊرن ۽ فارورڊ سڏائڻ

جون ٻڌاڪون هلندڙيون آهيو. مردن سان برابري ۽ آزادي جا دم ڀريندڙيون آهيو. پوءِ جي ڪو ڪنوارو مرد ڪنهن ڪنواري ساهيڙيءَ کي وٺي ٿو ۽ موهيس ٿو ته ٻي ساهيڙيءَ کي ان تي حسد ۽ جلن ڇو ٿي ٿئي، خاص ڪري جڏهن اها هنجي دشمن نه پر سچ ۾ ساهيڙي آهي. ٻي ساهيڙي به فوري ۾ فارورڊ سڏائيندڙ آهي نه اها ڪنهن ٻئي مرد کي موهي، انجو پيار هٿ ڪرڻ لاءِ آزاد آهي. هڪ ٿي مرد تي ٻه ٻه ساهيڙيون ڇو ٿيون مرو؟"

"انڪل اسانکان الاهي ائين ڇو ٿو ٿئي؟ اسين جنهن پوش کي پيار ڪريون تنهن جو سمورو سنيهه پاڻ لاءِ ئي چاهيون ٿيون، پوءِ ڀل ته هو ڪنهن اسان جي سچي ساهيڙي نه جا اصل اسانجي سڳي ڀيڻ لاءِ به اهو ڏيکاريندو ته حسد پيو ٿيندو آهي. الاجي ڪهڙو آهي اسان جو من!"

مون چيو، "توهان فارورڊ ۽ ماڊرن ڇوڪرين جو به اهڙو من آهي ته پوءِ مان وچاري شريمتي کي ڪهڙو ڏوهه ڏيان؟ سچ چوندي اٿم ته توهين مرد، زال جو من نٿا ڄاڻو."

ايتري ۾ سامهون ڀيڪرڙيل در کولي اندر شريمتي ڏٺم جنهن منهنجا پويان لفظ ٻڌي چيو ته "اها وري ڪير آندي اٿو جا ٿي چوي زال جو من نٿا سمجهو.

اصل در کي ڪڙو به هڻڻ وسري ويو اٿو.“

مون هڪو ٻڪو ٿي چيو، ”اڄ ڪي هيءَ تنهنجي نوان وندريءَ جي ساهيڙي ڪملا آهي. هتي گرائونڊ فلور تي توهان جي ساهيڙين جي اچ وڃ ڪٿي ٿي، در تي ڪڙو هڻڻ ڏئي.“

”اڇا، سو اڄ سليوليس فراڪ ۽ مڊيءَ ۾ ته اصل مندم پيئي لڳي.“ ڪلهي کان وٺي چيائينس: ڪيئن ڙي ڪملي، هن اڪل سان اڄ ڪا ڊيٽ (Date) اٽيٽي ڇا؟“

”آنٽي، هي ڇا پيا چئو؟“ ڪملا ڪنبندي چيو ته شرمندي شوڪي چيس، ”ڇوري توهان جي ماڊرن ٻولي ٿي ٻوليان نه. نوانم وندريءَ کي به ڪاري ٻوهر ڪيو اٿيئي. شادي کان نواڪو واري وڃي آهي. ڇوڪري تي ته آزاد پکي آهيان. مان ته اڄ به هن لاءِ پڙهيل ڳڙهيل ٻڌائيندو گهرائيندو ڇوڪرو ڏسي آئي آهيان. هجي ها سوڳيا ڪلي سس هياتت ته مان ڇڏل هجان ها.“

مون چيو، ”اندر وڃي اٽيئي، وڃي دل وليس. ڪملا سان ڪٿ ٻٽ ٿيس. اتي چون آزاد پکي آهيون ته اتي ئي هيئون حسد ڪري ٻئي هڪ مرد تي مون“ اندر وڃي ته ڪملا انهن آئي پکي جيئن ڪاريءَ هڃان کان ڇ.

(١٩٩٠)

# ٺڪ ٺاڪ

در تي ٺڪ ٺڪ ٿي ۽ ساڻ ساڻ ڪاڪي ڳاڙهي آواز ۾ پڪار: "ديدي، او ديدي! در کول. ڪمال ٿي ويو يار." پوءِ ته هئا "پڌا" ٺهڪ.

ڪن رکي وري ٺڪ ٺڪ سان گڏ ڪاڪي ٻيو آواز ڏنو، "اڙي ديدي جهٽ ڪر، در کول، چانهه تماشو ٿيو، پڌنديءَ ته ڪلي ڪلي ڪيرو ٿيندينءَ."

وري زور سان ٺڪ ٺڪ سان گڏ آواز ٻيو آيو، "ديدي اڄڪلهه ديرا ڇا جيجاجيءَ سان رومانس پيو هلي، ڪين مال ڪارائي موٽو ڪيو اٿس جو ٺڪ ٺڪ ڪري ٿي هلين؟"

موڪي ٺڪساهي ٺڪ ٺڪ، ڪاڪو ۽ در ڪواڙ لاهه سڏ پڌي لڳو ته سچ پچ ڪو ناٽڪ ٿي رهيو آهي. جيئن ئي ٺڪڙ ٺڪڙ ۾ ڪڙو لاٿم ته در ڪلڪ سان گڏ هوءَ ڏون اچي اندر پيئي. پوءِ چڙائڻ وٺس. منهنجيءَ ٻانهن سندس چهرو فوش ڪري چمڪ ڪان ڇپائي ورتو. هوءَ ان ڪري جهلي آئي ٿي پيئي. منهنجي ڪي چنڊ پيندي ڇپائين، "جيجاجي، ديدي ڪٿي آهي؟"

کيس ٻُڌي ڏاڍي مشڪي چيم، ”اڙي ڏاڏيءَ جي سياڻي ساهيڙي، هوءَ هجي ها ته لڌيءَ جو چالاڪ سياڻيءَ، سولو ۽ نئون آواز ٻڌي مونکي ڊر لاهڻ ڏني ها ڇا؟“

”ٻوڙو، ٻُڌ توهان کي ڇڏي ڪيڏانهن ويئي آهي؟ ٻاهر بس اسٽاپ تي ڇا ته ڊرامو ٿــي ويو!“ چوندي هٿن ٻانهن سان گويا پارٽ فيم نـاچ ڪندي هوءَ کلڻ لڳي.

”اڇا!“ مان جيئن عجب ڪـيان، ليڪن هوءَ وڃي چوندي ”اصل ٿي. ويءَ جهڙو نڪڙ کيل ٿــي ويو. ڏيندي ٻڌي خوش ٿيندي.“

چيم، ”لڌيءَ ڏيندي ته ٻـاڙي ۾ ويئي آهي؛ اچي ويندي، توُن هلي ڪمري ۾ ويهه. مـان چانهه ٺاهڻ رکي آئو آهيان.“ چوندو رنڌڻي ڏانهن ويس. آتي آديس مان موٽڻ تي ٻڌهجي لاءِ چانهه پٽي لاهيم.

هن ٻنيان ايندي چيو، ”ڇا توهين رنڌڻي ۾ چانهه ٻه ٺاهڻ ويندا آهيو؟ اهو رڌڻ ته اسان جي لئي مانائي آهي نـــه.“ هوءَ ائين کلڻ لڳي جڻ ڏاڍي همدردي ٿي ڏيکاريائين.

مون فلڪ سان چيومانس، ”چانهه ٺـاهڻ، ڪهڙو ڪيساري جو ڪم آهي. ڪمري ۾ هلي ويهه ته چانهه جهٽ ڪڍي ٿو اچان.“

هوءَ ڪمري ۾ وڃي ويٺي ته مون چانهه ۽ بسڪيٽ
ڪڍي اچي ميز تي رکيا. مان اچان ويٺس تي مس ته
چيائين، "مڌيه رئيسزادو پاڻ اهڙو ٽوٽ ٽپالي آڻو
جو جوءِ کان سيکڇهه اصل ٽوڪيءَ تي بهشت گهري.
الاجي ڪهڙا طرح طرح جا طعام تيار ڪرڻ جو فرمان
ڪندو اٿس."

"بمبئي ۾ اهڙا مرد بس آهن. خود مڌيا ڪي
واقفڪار نوڪري ڪندڙ زالن کان بس بورچاٽي جو
ڪم وٺن. مون لڌيهي ديڊيءَ ڪان نوڪري نه
ڪرائي آهي. گهرجون گهٽ آهن. پاڻ سادو کائون،
سادو پائون ۽ سادو رهون."

"تڏهن ته ديدي به توهان جي آفيس مان موٽڻ
تي به گهر ڇڏي آزاديءَ سان پيئي گهمي ڦري نه."

"انڪري ئي پاڙي جي ڌارين ۾ به نالو اٿس.
ڪي هن جو ايڏو گهمڻ ڦرڻ ڏسي چون: سنڌي
ليڊي از آلويز آن ٽوئر."

"واهه، واهه، سدائين هيئين گشت ڪري."
چوندي اچي هوءَ ٽهڪن ۾ پيئي. ٻر يڪدم چيائين،
"سچ! مسخري ته نٿا ڪريو؟ واهه، سنڌي ليڊي از
آلويز آن ٽوئر." (Sindhi Lady is always on Tour)

"مون ته سچ ئي پئي ڳالهايو آهي، هوءَ پل نه

اهو سڀ ڪنهن کي مرچ چوڻ لڳي. تون جو چوندي آهين - ٽڪڙ ٽاڙ بہ سي ٻاڪ آهن. چڱو هاڻي چانهہ پيءُ.“

هن چانهہ جا ٻہ ٽي ڍڪ ڀريا تہ مون ڪوپ خالي ڪري ڇڏيو. چيائين، ”آنڪل چانهہ اصل اي - ون ٺاهي آ تو.“

ڪلپ چيو، ”اڇا بہ جي تون پنهنجي ديديءَ وانگر گرم ٿي ها تہ ڊبل اي-ون لڳين ها.“

”هائو بہ سڀ ٿيو ڏاڍي سوادي آهي.“ کلندي چيائين. ”اسانجي ماناپلي ٽوڙي آ تو.“

مون چيو، ”ڇوري، اها منهنجي ساراهہ پنهنجي ديديءَ اڳيان اصل نہ ڪجِ، نہ تہ هن گهر ۾ گهڙڻ لئي هوءَ اوتي ڪرفيو لڳائي ڇڏيندي.“

”ڇا؟ ڪرفيو!“ چوندي وٺي کِل ۾ ڀڄي ٿيندي. ”واهہ آنڪل!! سڀ چيو آ تو. زناني سانڪالاجي چڱي سڃاڻي آ تو.“ چوڻ بعد وري کلڻ روڪيائين.

مون چيو، ”اڄ سيدڙي ڳالهہ پوري ڪريان. آن مان اڄ عرصو تنهنجي ديدي ۽ پڻ ٻارن کي ڏيندي ڇا گهڻ سور سٺا هوندم؟ پوڻا ٻہ ٽي سال تہ سس (ديدي) ۽ ننهن جي سانڪالاجي بہ سمجهيم. تنهنجي ديدي ويچاريءَ جهڙن سڪيلڌي هٿ لاءِ ساهہ ٽي ڏنو، سو لو مئريج ڪري انهن ڇڏي جدا وڃي ويٺو

۽ تون سس سان گڏ نہ رهين ۽ نہ منهنجي جوءِ ڇهو
گڏ رهيٺي. اهو ٻڌي خوب ٻاڪاريائين، جنهن منهنجي
ماءُ بہ اسانجي جدا رهڻ لاءِ راضي هـو. هاڻي ننڍي
ڌيءَ ۾ ساهہ اٽڪيس، ويٺي هوندي ڪيس اسڪول مان
وٺڻ. اڙي، ٻـيو توکان بس اسٽاپ جـو ناٽڪ ٻڌائڻ
وـري وٺو ڇا؟ ها، ڇا جـي ڪري در ٽي اڪ ٽڪ
جي ڌمال مچايئہ؟"

"توهانجي ڳالهين ۾ اهو ناٽڪ برابر وـري واو،
ها ٻڌو. آفيس مـان اٽڪل ٽئل مـوٽندي رش واري
ٽرين مان لهي گهر ٻنڌ ڪرڻ جڻ سوڙي لڳندو آهي.
ان ڪري اٺان بس ڪٽندي آهيان. اڄ بہ هڪ مرهٽي
ساهيڙي ڪلارڪ سان گـڏ اچي بس لاءِ بيٺس. قطار
۾ اڃا نہ ماڻهو ٿورا هئا، هڪ سفيد وارن وارو اڇن
ڪپڙن ۾ بزرگ بيٺو هو، هنجي هڪ پاسي هڪ زال
هئي نہ ٻئي پاسي جوان ڇوڪري بيٺي هئي. اسين
ٻئي هن سان گڏ اچي بيٺيونسين. انتريم ۾ مڪاني
جوان جي رستي جا روميو ٽي لڳا، سي آيا ۽ ٻئوسن
کي ٻري ڏکي اچي جوان ڇوڪريءَ سان بيٺا. هڪ
ڄڻي ٻئي کـي مڪاني ٻوليءَ ۾ چئو: هـي سالو
مهاڻارو (ٻڍو) اسان لاءِ ڪباب ۾ هڏي ٿيندو آهي.
ان سان گـڏ هـن دوسـت کـي جوان ڇوڪريءَ
لاءِ بہ ڪجهہ هلڪڙو رومانٽڪ اظهار ڪيو نہ هن ٻاڻ

ٻنوسن کي جڳهه ڏيئي ان سان گڏ ويهاريو. ان لـِـي
روميو پوسوجي ويو. چيائين: "هن ٻيءَ ڀر هي ڇوڪريون
الاجي ڇا ٿيون ڏسن جو هن لاءِ ائين ٿو هڏ ڪرڪين؛
جڻ ڪو نئون (مڙس) اٿن." مهنجي ساهيڙيءَ جو
ٻڌو سو ٻاهه ٿي ويئي. تنهن ٻي ڏڙڪ ڇيس، "ها،
هي مهاڙو (ٻـيڍو) اسانجو نئون (مڙس) لڳي. اسان
سان گڏ ٻهندو. تون نئون (مڙس) ٿيندين؟"

"الا، آنڪل، ڇوري ڇا ٿـ چئي! ٻي ٻاڪ اصل
ڦڪڙقاڙ هئي! اصل جهسي آڦت. ٻانهون ڪنجي ڪراڻا
هٽڻ لاءِ تيار ٿي ويئي. وڃاري ٻڌي ڏڪي ڪـڪڻ
ڇاهيو ٿي تـ مهنجي ساهيڙيءَ چيس: "مهنجا ٻي ڄڻ،
وڃو نـ، ٻهو. هي ڪجهه نـ ڪري سگهندو. مان
مهن ڏيندس. ٻس ٻـ جاڻ آئـي." ايتري ۾ ٻس لاءِ
پيا ٻـ. وڏيڪ ماڻهو اچي مڙيا.

"روميو جو دوسـت ڪراڻا واريءَ ڦڪڙ قاڙ جـو
ڪالي روپ ڏسي روميو کي ٻانهن کـان ڇڪيندو
قطار کان ٻاهر وٺي ويو. جيڪڏهن هو نـجي تـ وڃن
ها تـ وڏو گوڙ ٿئي ها، ماڻهو ٻـ پهنجي نموني سان
چميگويون ڪرڻ لڳا. ٿورو پريان وڃي روميو ۽ سندس
دوست مهنجي ساهيڙيءَ ڏانهن ٻـانهن سان اشارا
ڪري چوڻ لڳا: ڏسو، ٻي جوان ڪنواري لڙڪيان
ڪسي ٻڌي لوگ کي ٻنچي ٻاگتي ڦرلي هئن."

”اَڄڪلہ عجب اهو تہ اُن سي بدل اڪثر مردن
ڦڪڙ ڦاڙ جـــي بي باڪائي ۽ بهادريءَ ڪـــي ڏاڍو
ساراهيو ٿي، پر زالن مان ڪن پاڻ مڙهجي ساهيڙيءَ
جي ڳالا ٿي ڪئي. هڪ مائيءَ تہ رومپو جا لفظ پڏي
چئي ڏنو: برابر پٽ، هڪ چوري ڪـن مونکان نٿو
(مڙس) ڪسي وڃي آهـي. اجا ٻـــ الاجي ڪيترائون
ڳالهيون پڏان هان، پر بس اچي وڃي.

”اسين ٿي بس ۾ چڙهيونسين ۽ هن بزرگ کي
چاڙهڻ ۾ مدد ڪئيسين. هو اسان کان هڪ اسٽاپ
اڳـي لٿو. مـــان اُن کـــان پوءِ ۽ مڙهجي ساهيڙي
”ڦڪڙ ڦاڙ“ اُن بعد آخرين اسٽاپ تي لٿي. ڪيئن
اَڄڪل هي ني. وي. نڪڙ جهڙو نازڪ هو نہ؟“

چيم، ”برابر، توهين مردن جي همت ۽ بهادريءَ
جي مانائلي نوڙي رهيون آهيو. تڏهن جي بـــي باڪ
ڦڪڙ ڦاڙ کـي سلام آهي.“

ڪلي چيائين، ”جڏهن توهان اسان جي زندگي جي
مانائلي نوڙي رهيا آهيو. اها ڦڪڙ ڦـاڙ هٿي پاسي
۾ ٿـــي رهي، ڪڏهن توهان وٽ وٺي ايندي
سانس ...“

هوءَ وڏيڪ ڪجهہ ڳالهائي ئي ڳالهائي ايتري ۾
در ئي نڪ لڪ تي. هن در کوليس تہ سڌس ڏيڌيءَ
چيس ڪهڙيءَ ڦڪڙ ڦاڙ کي ٿي آٿين؟ هيءَ هڪڙو

ٿي ڪافي آهي. ٻون ڪڏهن ٿــي شادي ڪرڻ؟
ماڻهين ۾ ٿي چيو ، گهوٽ ڳولهيو اٿس." هـوءَ ڪجهه
جواب ڏئيس، اُن کان اڳ ۾ شرامتيءَ مون کــي چيو،
"تون پنهنجي لاڏلي کي ٻاهران ڪو رانديڪو ڪمي،
ولي ڏيوس. مان کيس اسڪول ۾ ولڻ ويس اٿڪري
پئسا نہ کنيا هئم."

مان ٻيڇيءَ کي ٻاهر ولي ويس تہ هوءَ ڏيڏيءَ
کي ڦڪڙ ڦاڙ جو ناٽڪ پڌائڻ لڳي. (١٩٩١)

# روشني موٽي آئي

گهگهو وڄيو. گهڙيءَ ۾ وڄندو رهيو. چوطرف سناٽو ڇانئجي ويو. سڀ ساز آواز گهٽجي ويا. سارو گوڙ شور بند ٿي ويو. رات وڌيڪ گهري اونداهي ڀاسڻ لڳي. هتان هتان روشني، انڌڪار جي آغوش ۾ لڪڻ لاءِ ڊڪون پائيندي ڀڄندي ٿي وئي. موت جو ساهه انڌڪار جي آغوش مان نڪري اسان جي مڪان مٿان ڇانئجڻ لڳو. گهگهو وڄندو رهيو... ٻارهن گهرن جي ماڻهن سان ڀريل اسان جو مڪان ٽڪڙو ٽڪڙو خالي ٿيڻ لڳو، جڻ ڪا پلڪ پيئي هئي.

سچ ته پلڪ جي ۾ هٿ جاءِ ڪين هئي. هتي ته اوچتو ٿي اوچتو، انڌيءَ اونداهيءَ ۾ زمين دوز ٿيڻ لاءِ سڏ ٿيو هو. هيل تائين ته گهگهو فقط ٻورهيتن کي ڪارخاني ۾ ڪم لاءِ چڙهڻ يا لهڻ جي اطلاع طور وڄندو ٻڌو هوم. ليڪن اڄ هي گهگهو انسان ۽ انسان جي خليل خدائيءَ کي ختم ڪرڻ جي اطلاع لاءِ وڄيو هو.

ٻهراڻ ۾ مون تي گهگهوءَ جو ڪوبه اثر ڪونه ٿيو. جڏهن ٻيا ماڻهو گهگهوءَ جو آواز ٻڌي پنهنجون بتيون وسائي ٻاهر نڪري آيا هئا، اتي مان ٻاٽ بتي ٻاري پنهنجي ڪمري ۾ جاسوسي ناول پڙهڻ وارو رهيو هوس. منهنجون دريون تي ڪاغذ به چنبڙيل نه هئا، الڪي هيٺ بيٺل ماڻهن جي ”بتي وسايو... بتي ٻجهايو... لائيٽ آف...“ جي آوازن جي ڌم مچي ويئي. ڪنبندي ڪنبندي پنهنجي وندر لـــرڪ ڪري اُٿي بتي وسايم.

ڪمري ۾ هاڻي مڪمل اونده هئي. هٿوراڙيون هڻي وڃي دري کي کوليم. ٻاهر ڏٺم، هلڪي چانڊوڪيءَ جي سائي ۾، ماڻهن جو ميڙ بيٺو هو. سڀني اکيون آسمان طرف کڄيل هيون. موت جو هراس سڀني چهرن تي ڇانيل هو. ننڍڙا ننڍڙا ٻار مائرن جي جهيءَ سان جڙيل هئا. زالون پنهنجن پتارن ۽ ڀائرن سان لڳيون بيٺيون هيون. ائين پئي لڳو ڄڻ سڀ پٿر جا پتلا هئا. وقت خود هڪ وڏو بت بڻجي بيهجي ويو هــو.

منهنجي بدن ۾ رت جو دورو تيز ٿي ويو. دل گهٻرائجڻ لڳي. ڏاڍي ڏپ جي لهر من اندر سرنگهون هڻڻ لڳي. ان کان ٻچڻ لاءِ ڪمري ۾ ٽڪڙو ٽڪڙو اچ وڃ ڪرڻ لڳس. الاجي ڇو محسوس ڪيم

ته مون سان گڏ ڪو ٻيو ڄڻو به هلي رهيو آهي. ان
ڀرم کي ڀورڻ لاءِ پاڻون ڦهلائي چڪاس ڪيم. مگر
ڪو هجي ته ملي؟ اُتي سگريٽ دڪانن پر اڄ ان سان
به پاڻ وڌرائي نه سگهيس. وري اچي دريءَ وٽ
ويٺس. ٻاهر هواس ڪجهه گهٽ ٿي لڳو ڇو ته ماڻهن
ڳالهيون ٻولهيون به شروع ڪري ڇڏيون هيون.

ليڪن منهنجي من اندر ڊپ ڊڪون پائڻ لڳو.
پاڻ تان عجب ٿيڻ لڳو. هيل تائين ته ڪڏهن به
ڪنهنجو به ڊپ نه ڪيو هوم. ٻيءَ ماءُ کي به اڪثر
سنت سوري ٻڌائيندو رهيو هوس. هن جو به ارواح
مون تي هو ڪين. انگريزي پڙهائڻ لئي ڪو خاص
ڌيان نه ڏنائون. ڇڪي چڪي مٽرڪ پاس
ڪئي هئم. آئيس پر ٻي ڊپائيءَ کان مشهور هوس.
ڏوڪڙيءَ ٿي چڙهڻ کان پوءِ جلد ئي گهر کي تلانجلي
ڏيئي اڪيلو رهڻ لڳس. جڏهن به مون سان ڪنهن
نيڪر، نهن سان نوازڻ جي ڪوشش ڪئي ته
مڌهانئس ڪاند. ڪا وڏ ڪئي، ڪيس نڪرائي
ڇڏيندو هوس. سچ ته ڪا چيز مونکي آخر پر نه ٿي
آئي. هر ڪنهن جو مذاق اُڏائڻ، هر ڪنهن سان
وڪون ڪيڻ، ڪنهن تي به وشواس نه ڪرڻ،
منهنجو پيشو بڻجي پيو. دلي ٻادلي ڇوندو هوس ته
هٿي ڪير ڪنهنجو ساٿي ڪونهي، سڀ ماڻهو

اُپسوارئي آهن ... دوستن هڪ ڀيرو ڪٺي رکي. مڙني ٻڌائي "cynic" (ترش مزاج) هئا. مان به چوندو هوسان "ڏاڍو سٺو خطاب ڏنو اٿـو." خوب ڪچهون هٺي سندن ساٿيون کلندو رهندو هوس.

گهگهور وڃڻ ڪان ڪي پل اڳ تائين دل منجهه سرڪار ٿي ڏاڍا ڇوهه ڇنڊي رهيو هوس جو آفيس، سئنيمائن، دوڪانن کي سوڀل بند ڪرڻ جا ڪٺي آرڊر ڪليا هئائين. رستن ۽ گهرن ۾ به اونده اندڪار ڪرايو هئائين. مون کي جو سوٿي اڇي گهر ۾ ٻڌجي وهڻو پوندو هو، سا ڏاڍي مصيبت لڳندي هئم. ليڪن هن ڪان اڳ ته ڪائي ڳالهه مون لاءِ مصيبت نه هئي. ڪيترا ڀيرا دوستن جنگ کي مصيبت سمجهي لاءِ بحث ڪيا هئا، پر مان هميشهه سندن مذاق اُڏائيندو هوس. "جنگ ڀلي اچي. ماڻهو جو وجهن ٿا ماڪوڙين وانگر وڌندا، سي ختم نه ٿيندا ٻيو ڇا ٿيندو. دنيا ۾ رکيو ئي ڇا آهي. ڀل ته تباهه ٿي وڃي..."

ليڪن تباهي جڏهين مٿان اچي ڪڙڪي، تڏهن ٻهاڙ جهڙو مضبوط پنهنجو من ٿڙندو محسوس ڪرڻ لڳس. من لڇي ڇا ته... ٻانور هوم! مان اڪثر انهن چوندو هوس ته من هڪ وڏي دنيا آهي، جنهن ۾ سڄاڳي، نيم سڄاڳي ۽ غير سڄاڳي طبقا آهن. انسان پس

انهن جو ئي غلام رهيو آهي. مٿس پاهوڻن دانا جو
ڪجهه به اثر ڪونهي.

مگر هي ٿي ڇا ويو هو؟ بس پاهوڻن دنيا جي هڪ
ئي جهوٽي سان من جو مضبوط ڪوٽ ڪرڻ لڳو هو؟
بيحد ٻڌا محڪم ويچار اصل وڃڻ لڳا هئا! گهگهور
جي هڪ ئي آواز ڏرن ڪمبائي ڇڏيو هئم. دل ۾
خوف سپ جي سراپ وانگر سرڻ لڳو. بس ام قاعدا
۽ ڏرلي مون کي گهي ويندي! ۽ انين ئي هن ننڍڙي
گهر ۾ دفن ٿي ويندس!! اڪيلو ئي اڪيلو!

اڪيلائيءَ ڪري پڙ لهائين پوالدو ٿيڻ لڳو.
اڪيلائي نه مون کي جدسي ڪاٽڻ لي آئي. هيلتائين
نه اڪيلائيءَ ڏانهن اکر ڪٿي به نه نهاريو هوم. مونکي
اها سڪ ئي نه رهي هئي نه ڪيئن هيڪوي هيائي
اڪيلائيءَ ۾ ڪاٽي هئم! مٽن مائٽن، يارن دوستارن،
پيکمت پارٽي ڪان پاڻ کي الڳ رکي جڻ جيو جورو
ٿي پيو هوس. مون نه پاڻ سوچيو هو نه اڪيلو ٿي
اڪيلو مرڻ ۾ ڪوبه پڙ پولو نه ٿيندم. ڪا پالي پٽي
پنيان رئڻ پٽڻ واري به نه رهندي.

جيئڻ لاءِ مون وٽ ڪو اصول اديش ئي ڪونه
هو. انڪري، جيئڻ جي اپلاڪا ئي نه رهي هئم. پوءِ
به موت جي هلڪي ساءِ سان مون ۾ ڇو زنده رهڻ
جي لمبا پوڪي اٿي هئي، سا سڌ نٿي پيم؟ پنهنجين

ٽنگن ٻانهن کي هٿ لائي ڏٺم ته ٻرابر جيترو آهيان به پيا نه.

وري ڊريءَ وٽ موٽي آيس. ٻاهر پيل ماڻهن کي ڏٺم، جيڪي موت جو گره ٿيڻ لاءِ ڪٺا ٿيا هئا. شايد هنن سڀني چوديواري اندر اڪيلو مرڻ نٿي چاهيو. انسان شايد نه اڪيلو جيئڻ ٿو چاهي نه مرڻ. هي ماڻهو هڪٻئي کان الڳ هوندي به هڪٻئي جي ڪيترو نه ويجهو هئا. هنن هاڻ پاڻ بابت نٿي سوچيو، پر سڄي ديس لاءِ ٿي سوچيو.

مونکي هنن ماڻهن لي عجب پٽي لڳو. اڄا گهڻو وقت کان اڳ ۾ اهي ساڳيا شخص پنهنجن گهرن ۾ پنهنجن ننـــي گهرجن ۽ غرضن لاءِ سوچي رهيا هئا، هڪٻئي ۾ لڙي وڙهي رهيا هئا، ڇڪي ماس چهي رهيا هئا.

هو ڪوهستان، جو هيٺ ٻيلو هاڻي ٻت کي چمي رهيو هو، تنهن گهڻو وقت کان ڪي ملت اڳ ۾ زال سان جهيڙو پئي ڪيو ۽ کيس Dirty Bitch (ڪتي) سڏڻ کان ڪين ٿي رهيو ۽ هوءَ به کيس Bloody Bastard (حرامزادو) چوندي ڪين هٻڪي هئي. انهيءَ جهيڙي انهن ان خطائن کي اڪثر ايترو ياد ڪيو هوندو، جيترو شايد يسوع مسيح کي به مشڪل سان ڪيو هوندائون. جهيڙي ۾ هڪ ٻئـي

کـــي خبر نـاهي ڪيترا ڀيرا صليبن تـــي چاڙهيو
هئاسون. جنهن ڀار کي هيٺ جهڪي رهيا هئا، تنهن
کي خبر ناهي الائي ڪيترا ڀيرا ”وڏهو ڇـــو ڏا...
وڏهو نـ...“ چوڻ لئي ماريو ۽ هونداسون.

هو ٻه پاڻ جهڙي هڪ ئي جيجل جي جگر جا
ٽڪر هئا، سي هوندءَ بـ هڪٻئي جـــي جـان جا
دشمن هئا. ڪـنهن اڪثر هڪٻئي کـــي پوليس ۽
ڪورٽ جون ڌمڪيون ڏيندو پڌو هو مان. هوءَ پنهنجي
ڪين اڪثر چوندي هئي، ”پاپڙا وڏهڻ ڇڏيو... پئسو
پئسو ٿي ويندو... ٻابي اما جـو ننگ رکو... هنهنجي
موت بعدهنجي لڏي اچي مون لوهان جي پالنا لاءِ شادي
۽ نه ڪئي...“ ليڪن هو ڪيس ڏڪ ٻهو هڻندي ۽
ڪين رکيا هئا. هي سڀ اڄ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي
بيٺا هئا.

۽ هو ڪٽنب - هڪ استري ۽ پورش. هوءَ هڪ
جـي جيون ساٿڻ ٻئي جـــي جيجل هئي. پٽ نڪتو
عياش هو. ان ڪري پيءُ پٽ جو جهيڙو ٿيندو هو.
ٻئي هڪٻئي جي موت لاءِ دعا پڙهندا هئا. ان مهل
هوءَ استري پاڙائيندي هئي، ”موئي شل ڪيو نه...
مون اوهان جا دشمن... ان مـوت ڪان پوءِ لاءِ تـــ
پنهنجي جنم ڀومي وارو گهر ڇڏي لڏي آيا سين.“
شايد اهـو ”مون دشمن“ وارو جذبو هين سيدي

ماڻهن کي پاڻ ۾ ڳنڍي بيٺو هو. جنهن ڪري سڀ ننڍا ڪٽنب پنهنجا جهيڙا جهٽا وساري، ڏک درد ڀلجي، هڪ وڏي ڪٽنب جا ڀاتي بڻجي، پنهنجي قوم جي قسمت بابت سوچي رهيا هئا.

مان به اڪيلائيءَ ۽ ڏک کان ڇٽڻ لاءِ ٻاهر نڪري اچي هجوم سان گڏ ٿيس. هن بمبئيءَ ۾ جهڪي ٻاڙيسري هون. پاڻ ۾ ئي پورا هوندا آهن ۽ لنگهندي ٻانهندي هڪ ٻئي کي ڪهڪارڻ کان به ڪيٻائيندا آهن، سي هاڻ هڪٻئي جا خيال سڃاڻ سانئي بڻجي پيا هئا... ماڻهن هجوم جي چهرن تي ڏک جو نالو نشان به ڪونه هو. انهي بدران هتي ديس لاءِ چمڪا...

انڌيري ۾ وري گهگهو وڄيو ۽ گهڙي کن وڄندو ئي رهيو. ريڊيو تان پڌرائي ٿي ”دشمن جي ٻمبارن کي ڀڄايو ويو آهي.“ ائين لڳو ڄڻ انڌڪار ڦاٽو مٿان ڪري پٽجي ويو هو ۽ روشني موٽي آئي هئي..

(١٩٦٥)

# خوشبوءِ دار گل

هڪڙي ڏينهن ته ڏسندو ئي رهيس. ڏٺو ته ڪيس ٻن ۽ ٿي. ٻه هر ڪنهن جي نظر نياري هئي. ڪنهن جون واڇون ننڍڙي وڏيون هيون، ڪنهن جي اکين ۾ واسنا اچي واس ڪيو هو ته ڪنهن جون نظرون واڪاڻ ڪان وهسي رهيون هيون.

مون هن کي ڏٺو، جڏهن هڪ ڪاغذي ڦول کي ڏٺم، جو اوچتو خوشبوءِ سان ڀري ٿي ويو هو ۽ قدرتي گلن کان به گوءِ کڻي ويو هو. اکيون انهن کي پيئون مڃيهس ۽ هن کي ڏسنديون رهيون، هن جو پيڇو ڪنديون رهيون جيستائين ڪ هوءِ نظرن کان غائب نه ٿي وئي.

مون ۾ هن لاءِ ايڏي ڪشش ڪيئن پيدا ٿي وئي سو سمجهي نه پئي سگهيس. مڇهنجي من اندر هن اندر هن لاءِ ڪڙو تيل نفرت جو پهاڙ ٻگهو جڏ لڳو هو. من ۾ هيءُ ڦيرو ڪيئن آيو؟ هوءِ ته ساڳي هئي، ساڳيو رنگ روپ، ساڳي پوشاڪ پهراڻ!

تڪي ٽورا ڏينهن مس گذريا هوندا، جو هوءَ جڏهن وقت اسانجي در وٽان لنگهي هئي، تڏهن وقت مون نفرت وچان منهن ڦيري ڇڏيو هو. جنهن لاءِ ڏسندي به نه ڏٺو هوماس. هوءَ ڏيئان ڇڪائڻ لاءِ اچا به ڪڙي تي ڌڪجي هلڻ لڳي هئي. سعدس انگ سڊيل هو. شيشي جي پيرن تي لڳي. سعدس اڄ اُگهاڙي پيريءَ کي بچائڻ لاءِ هنڌروجن لڳل نساسي ڳاڙها وار ناڪام ڪوشش ڪري رهيا هئا. پاڙي جا ڇوڪرا سعدس سيٽيل ستون ڏي ڏسندي ڪجهه ڪجهه اشارن ۾ چٿون ڪلي رهيا هئا. ٿوري گپ هئي جنهن ڪان پوانگهه پري نه لنگهي اڃي سگهي، جو ڪرڻو ڏاڍو لنگ پيل هوس. انڪري جهرڪيءَ وانگر ٽپ ڏيئي لنگهي ويئي، پر ٿورو ٿابو اچي ويس. ڇوڪرن ۾ ٽهڪڙو مچي ويو. مگر سعدس روزاني پهراءَ ۾ پوءِ به ڪو فرق ڪونه آيو. منهنجي پيءُ سان سعدس چڱي واقفيت آهي. هڪ ڏينهن پڇيو مانس، "تنهنجي اها ساهيڙي پنهنجي هيڏي نمائش ڪندي ڇو ٿي هلي؟"

چيائين، "ساهيڙي نه هوءَ ڪنهنجي ٿئي ئي ڪين. البت ڪن ڇوڪرن کي دوست سڏي سگهندي آهي. باقي ڇوڪرن لاءِ ته سمجهندي آهي ته سڀ سعدس ناهوڪي بدن ڪسي ڏسي جلن سڙن ٿيون."

چوندي آهي، سهڻو بدن سندي آچار ڪرڻ لاءِ مليو
آهي ڇا؟..."

هڪ ڏينهن پنهنجي آفيس جي ڪم سان سندس آفيس ۾ وڃڻ ٿيو. هن مونکي پنهنجي آفيسرن تائين پهچڻ ئي نه ڏنو. هڪدم اٿي ڪلي ڪلي پڇيائين، "مون وٽ آيا آهيو؟" ۽ فائيل بند ڪري چيائين،

"هلون ٿا ڪئنٽين ۾. چانهه نه پيئندا؟"

مون چيو، "ڪو ڪم اٿو مون ۾؟"

جواب ٻڌي، هنکي ڏڏڪو اچي ويو. چيائين، "ڪوئي ڪم هوندو آهي تڏهن چانهه پيئبي آهي؟... واٽ مئنرس؟ (ڪهڙي فضيلت!) "

مان جواب ڏيڻ کان سواءِ اڳتي وڌي ويس. هيءَ ٽيڏي چوڪري جا گاهي ٻيگاهي آفيس جو ڪم رلائي ڏاڍن مردن سان ملڻ لاءِ واجهائي رهي هئي، سا مونکي فضيلت جو پاٺ پڙهائي رهي هئي!

هن واقعي ڪيس منهنجين نظرن ۾ اڃا به گهڻو ڪيرائي ڇڏيو. سندس ٻيءُ نه، ٻاٻي سان اڪثر هن جا سور پيو رئيندو هو. هڪ ڏينهن پنهنجي ڪمن سان بلڪل ڇٽي رهيو هو، "بس چوڪريءَ کي آهي سڄو ڏينهن پنهنجو هار سينگار. ساهيڙيون ۽ سئنيمائون ۽ انهن ٿي ٻر هالي "بواءِ فرينڊس" جهڙي به پند پيڪي آهي. جهڪا ٿي آمريڪن فلم اچي تڏهن ٿي

تي وڃي. جي سمجهائيس ڪٿي نه، ڇوڪر توهين پيدا
ٿي ويا آهيو. عجب آهي ڪمائڻ مهل جوان آهيان،
پر سمجهائڻ مهل پيرو ٿي وڃان. جيڪي ٿي ڪمائي
سو ٿي لٽي. ٻار مهني مهني هٿ ٽنگيو بيٺي آهي.
چوانس، شاديءَ لاءِ ڪجهه پڇاءِ نه. چوي ٿي شادي
ٻادي ڇا جي ... بس ٻاهر ڇــا ڪجي، آزادي ملي
وئي آهي سڀ ڪنهنکي. توهان پنهنجن ٻــارن کي
الاهي کهڙي سٺي پياري آهي جــو هنڙي سادي
سنجت ۽ شعورا ٻار وارا ٿــي پيا آهن؟ ڏاڍا ٻاڳران
آهيو. جڏهن جڏهن توهانجي گهر جــو مثال ڏيانس
لڌهن چوي، 'هي ته وانيا آهن' ٻار جڻ وڏي عامل
جي ڌيءَ اچي لٿي آهي!"

”ماءُ ته نٿي ڪجهه چوانس؟“

”هن ته ٻار ڪاري پهر ڪيو انس. چوليتي، هڪ
ئي ڌيءَ آهي. ٻلي، ڇوڙي ماٺي. ڇو ڇو نه ڪريس.
جوانيءَ جو رت آهي، هٿي ٻانڪي ڪجهه ڪري نه
وڃهي. اچا وڏي ٻاءُ جو ڪو ڊپ هوس پر اهو به
ويو آهي جاوا ولائت سنڌو رڪي ٿي. هاڻي ته ڇوريءَ
کي ڪو اندر واري جــو پوندو لڳي، پر تــه چاڙهو
ڪونهي ...“

بابي چيس، ”اڄ ڪله شايد اندر وارو ڪنهنکي
پوندو هٿي ئي ڪين ته ٻاهران ٿــي ڪر پڄو لڳڻو

آهي. سچو واڳو معتدل نٿا ڏسو. آمريڪا ۾ ته جوان ڇوڪرن ڇوڪرين رڳ ڀاري ڏٺو آهي. هاڻي هتي به اهي نقل تيز لڳا آهن. اڄڪلهه ديس ڪهڙي رسالي ڏي ويندو ...“

..... ۽ ان ڏينهن مولڪي لڳو هنڪي ڪولي اندر واري جوڳي اڻ ٿيو آهي شايد، جو وچ شهر ۾ چونڪ تي بيٺل اخبار واري کان اخبار خريد ڪري ڪٿي مٿ نه خبرن جا سرا پڙهندي رهي. ڳالهه معمولي ڪا نه هئي. عجب پئي لڳم ته هنڪي ڪيئن انهيءَ مان، دنيا جو واءُ سواءُ جاڻڻ جو شوق جاڳيو هو، ڪيئن اڄ هوءَ خود غرضيءَ جي گهيري کان ٻاهر نڪري آئي هئي. مان ان ڳالهه لي اينو سوچي رهيو هوس، جو اخبار واري چيو، ”صاحب ملڪ جي حالت هڙني ڇوڪرن کي به اخبار پڙهڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو آهي. مهنجي زال ۽ ڪڪي به روز خبرون پڇنديون آهن ۽ ٽيڪا ٽپڻي ڪنديون آهن...“

”انهنجون اخبارون ته خوب ٿيون هلن نه هاڻي... لوهه ڪمائي اٿيئي...“

”ملڪ مٿان ڪارا ڪڪر ڇانئجن ته ڪمائيءَ مان ڪهڙو سواد!“

مان سندس جواب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيس، جو

ڏيس جي هڪ رواجي ماڻهوءَ کـي بـه ملڪ جي جهوري لڳل هئي.

گهر پهچي ڏٺم ته اُتي به هوءَ ويٺي آهي. پوشاڪ پهراڻ بدلهي وارو هوس. ڏاڍي اُداسـ سان ويٺي منهنجي پيءُ سان رهاڻ ڪيائين. سندس ڇهري جي پاون جو لهڻ چڙهڻ ۽ هٿن جو ڪنهي نه هڪ آڱر جو ڪڍڻ ڳل ته ڪڍڻ ڪاڏيءَ مٿان پهچڻ، اهو سڀ ته پنهنجي ڪمري مان سڀ ڏسي پئي سگهيس، پر هو ڇا بابت ڳالهائي رهيون هيون، سو پورو منهنجي سمجهه ۾ نه پئي آيو.

اوچتو منهنجيءَ پيءُ مون کـي سڏ ڪري چيو، "ڏس نه ڪُڙي! اچ رب دان ڪري آئي آهي."

هيءَ مونکي چئي ڪُڙيءَ سان ڳالهائڻ لاءِ اُٿي سڏي ڪوٺ هئي. مون ڪلي ڏٺو. اڄ سندس اصلي سڏي ڳالو ورتو وارو هو ته به اعتراض نه ورتو هئائين. هونءَ ته "واندا" ڪري پڪارڻ کـان سواءِ جواب ئـي نه ڏيندي هئي. مون به کيس واندا نـه سڏي، چيو، "هلو ڪُڙي! اوهنجي پاڻ جي ولايت مان ڪا خبرچار آئي؟"

هن پنهنجين مان خط ڪڍي ڪٽي مونکي ڏنو. ڪلي ڇپائين، "پڙهي ڏسو ته ڪيڏا بهادر ٿـي پيا آهن، اهيڃاواسي ماڻهو. پڳرن وانگر پڳيون اُتن آموڪن

ڏنڊڪوڻ ۽ سوچيت ...”

مان کي ڪڏهن نه ڀلا اکين جي چمڪ جي هن ڇوڪريءَ جي منهن ۾ ڏسندو لڳي رهيس. آمريڪا جي هر چيز جي شيدائي هئي هيءَ ڇوڪري، مگر اڄ نه ڄاڻ ڇوڇ ڪيڏي بيلي هئي آمريڪا لاءِ ...

مان هٿ پڪڙڻ لڳس ته ــ چوڻ لڳي، ”انسان جي آفيس ۾ نه اچي ڏسو، اصل فرق ئي ڦري ويو آهي. جتي سڄو ڏينهن رڳو ڳالهائڻ لاءِ ئي ٻيا ڳالهائيندا هئا سمن اتي ۽ ڪا هر ڪنهن کي ڪا نه ڪا ملڪي خبر ٻڌائڻ لاءِ پيئي سڄهي. انهيءَ ون تـا عمس ۽ بهادريءَ جون ڳالهيون ڪن جو انساه ڪاٺ من ئي ڦولجمو وڃي. ڪمرو ڪو ڪڻون ته، اصل ايمانداريءَ سان ڪرسين کي چنبڙيا ويٺا آهيون .....“

”انجو مطلب ته هاڻي مان اچان ته تون چاهين ٻاهرڻ جي آڇ نه ڪندينءَ؟“ مون چڙ ۾ مرڪي ڏنو.

وڻي ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳي ۽ منهنجي پٺڻ طرف منهن ڪري چوڻ لڳي، ”اڳي ته پاڻي ڪم ۾ دل ئي نه لڳندي هئي، مان ته پيٽي سڄو وقت آفيس مان ڦٽڻ جا بهانا ڳولهيندي هئس. هيٺئر جڏهن ڏيس مٿان پري آئي آهي ۽ جوان ويٺا ڏيس لاءِ

جانيون ڏيندين، تڏهن ڇا ڏيس صدقي اسين آفيس ۾ پنهنجو ڪم به ايمانداريءَ سان نه ڪريون؟...“

”مطلب ته هاڻي ڇانهه نه ملندءِ.“ منهنجي پٽ چيو ۽ اچي ٽهڪڙو پيو.

مان ته سمجهي ويٺو هوس ته هيءَ ڇوڪري هڪ ڪاغذي گل آهي، جنهن مان ڪو به هٻڪار وٺي نه سگهندو. ليڪن اڄ هن گل ۾ خوشبوءِ پوجي وئي هئي ته دل بهار بهار ٿي وئي هئي.

# ڏاڄيءَ جي تلاش

شام جو آفيس مان موٽڻ وقت، لوڪل ٽرين جي مسافري ھونءَ تہ ڀاڙھي وڏي ٿيندي آھي، پر ڪڏھن ڏينھن الاجي ڪيئن اک ڇنڀ ۾ گذري ويئي. پاڻ ۾ چار ڄڻا ھئاسين. مان، منھنجي شريمتي ۽ ٻہ ٻيا دوست. ڳالھيون ڪندي اچي ڏيتي ليتيءَ جي بحث تي پياسين. اسان مان ٽي ان راءِ جا ھئاسين تہ نوجوانن کي بنا ڏيتي ليتيءَ وٺي وڃڻ کپي. مگر ھڪ ڄڻو اسان سان شامل راءِ نہ ھو، شايد ان ڪري، جو اھو ڪنوارو ڇڙو ھو!

ٽرين ۾ اسان جي سامھون واري بينچ تي ھڪ سفيد پوشيد بزرگ ويٺو ھو، جو ڌيان ڏئي لڳو. ھن اسانجون ڳالھيون ڪن لائي پئي ٻڌيون. اوچتو ٽھاڪو ڇوڙيائين، ”آءُ ڪي اھڙا آدرشي ڇوڪرا ڏيان ۾، جيڪي بنا ڏيتي ليتيءَ شادي ڪن؟“ ھن پڇيو ائين، ڄڻ اسين ڪي آدرشي ڇوڪرن جو وڪرو ڪندڙ واپاري ھئاسين. اسين وائڙا ٿي مشڪڻ لڳاسين.

منھنجي شرامتيءَ مونکي لڪائي چھنڊڙي پاتي ۽ ديوان کي چيو، ”چو نہ آھن اھڙا ڇوڪرا.“ ۽ پوءِ مون ڏانھن اشارو ڪري چيائين، ”ھڪڙو نہ توھانجي سمڪ سامھون ويٺو آھي. اسان مان ھيءُ لي شاديءَ لائق آھي. ھن ڪارو ايم - اي پاس ڪئي آھي. اسين نہ اڃا پيا ڪاليج پڙھون.“

ھوُ ٻاپو مڙس ٻ.. ڪو پورڙو ھو، جـو سھجيئي منھنجي شرامتيءَ جي چوڻ لي وشواس ڪري ويٺو، شايد ان ڪري ته جو ھنجي نڪ، ڪن، نرڙ پيا پانھن لي سھاڳڻ ھئڻ جي ڪابہ نشاني موجود نہ ھئي. ديوان منھنجي مٽھن ۾ انھن نھاريو جيئن، پوران اٺو جي ليو سان گھايل ڪو عاشق پنھنجي معشوقا کي نھاريندو ھجي. منھنجي چڱي طرح چڪاس وٺڻ بعد چيائين، ”پٽ، توھين ڪٿي رھندا آھيو؟“

”مان دادر ۾، ھيءَ ماٽونگا ۾ ۽ ھي ٻہ دوست سيان ۾“ مون وراڻيو.

”توھنجي آکھ ڪھڙي؟“

”واڌواڻي.“

”عامل؟“

”ھا.“

”حدابادي؟“

”ھا، ڇمد حدابادي.

"هائو!" ديوان عجب ۾ چيو. هو هن جي عبرت ۾ مسوس ٿيڪي رهي هئي. "ڪڪا، اڄڪلهه اهڙو نه گهور ڪلجڳ اچي ويو آهي، جو هرڪو پيءُ يا ڏاڏي جي نالي واري ٿي آکه نـاهي پاڻ ٿي پيو خدابادي عامل سڏائي. ها، تنهنجي پيءُ جو نالو ڇا آهي؟"

ديوان ڪـــي مون ۾ ڪو شڪ پيو، سو منهنجي نالي بجاءِ کان اڳ پيءُ جو نالو پڇيائين. مون ورائيو، "خوشيرام."

ديوان چيو "واهـ! ڪهڙو نه پيارو نالو آهي، تنهن عاملڪو! منجهائنس خداباد جي خوشبوءِ پئي اچي تنهنجو نالو؟"

"هونءَ ته منهنجو نالو ايشور آهي، ليڪن هرڪو مون کي 'ايوَر ڪمار' چوندو آهي."

"ايور ڪمار يعني سدائين ڪنوارو! هو اهو نـــ انگريزي ۽ هنديءَ جو ملاوٽي نالو آهي."

"ها، ڇا ڪجي، اڄڪلهه سنڌي نالي رکڻ کان انگريزي ۽ هندي نالي جو وڌيڪ رواج آهي."

"اهو وري عجيب رواج پيو آهي."

"اسان وٽ ڪيترا ئي عجيب رواج آهن. ڇـــا ڏيتي ليتي وٺڻ جو رواج گهٽ عجيب ناهي؟" مون چيو.

"ايا سنڌ مان لڏڻ بعد تـــه هتي اهو مرض نه

پاڻ وڏي واءِ آهي. ”پر اسين نه ڏيتي ليتيءَ جي خلاف آهيون.“ ديوان کي جڏهن پنهنجي ڪارنامن ٻڌائڻ جو موقعو ملي ويو، جنهن جي لاءِ هو ڪيتري وقت کان ئي ڏٺو.

”اسان پنهنجي پٽ جي شادي ڪئي. ڏيتي ليتي ڪاڻي ڪوڙي به نه ورتيسين. ها، مائٽن پنهنجي رضا خوشيءَ سان ڇوڪريءَ کي جيڪو مٺو ڪپڙو ڏيڻ چاهيو، ڏنو. اسان هنن جي دل رنجائڻ نه چاهي.“

”سچي ڳالهه آهي، توهين جي نه ورتو ها ته سندن ئي ڌيءَ کي ڪس لڳي ها. جيڪي ڏنائون سو جڻ پنهنجي گهوڙي سينگاريائون.“ منهنجي شوماتيءَ ديوان جو پاسو کڻندي چيو.

ديوان مونکي ڪوڙڪي ۾ ٻڌائڻ لاءِ چيو، ”بابا، مائٽ به ڪو نڪي مون تي لاهيندا. منهنجون به ڌيئرون ڪاليج پيئون پڙهن. اسين هنن کي ڇا سکڻي ساڙهيءَ سان شادي ڪرائيندا سين؟ مٺو منڊي، ڪپڙو گدي وغيره ته ضرور ڏنو ۽ آهي به ڇا گهٽ لڳا ٿا ڪائين؟ ڏهه پندرهن هزار ته واهه جا خرچ ٿيو وڃن. ها باقي ڇوڪرو سو آڪهيو ڪٺبو. شڪل شبيهه سهڻي هجيس، شاندار شخصيت وارو هجي...“

”سو ته نهايت ڀلو آهي.“ مون وچ ۾ ئي ٽپائي ڏنيومانس.“

”سٺي نوڪريءَ وارو هجي، آزاد خيال هجي ۽ مائٽن جو...“ ديوان جملو پورو ئي نه ڪيو جو منهنجي شريمتيءَ چيس، ”مائٽن جو مڃو نه هجي. الين نه؟“

”ها، انهيءَ کانسواءِ بي-اي ته ضرور پڙهيل هوندو. اڄڪلهه ته گهڻيئي ڇوڪرا بي-اي پيا پاس ڪن.“

اهڙيءَ طرح ديوان صاحب مونکي پنهنجي نياڻيءَ لاءِ گهربل لياقتن جي لسٽ ٻڌائي ويو.

”اهڙي ناياب لائق نياڻيءَ جي ڳولا لاءِ ته اشتهار وجهائڻو پوندو.“ منهنجي شريمتيءَ کلندي کلندي تير اُڇليو.

مگر ديوان کي اهو چٽڪ دل ۾ ٿيو ئي ڪين. اُلٽو کلي گويا هنجي پنهنوائي ڪيائين. ڪجهه رکي چيائين، ”ها، پٽ تون ڪٿي نوڪري ڪندو آهين؟“

”ٻرما شيل ۾.“

”اُتي چوندا ته ڏاڍا وڏا پگهار آهن.“

”ها، مڙئي چار پنج سؤ رپيا ملندا آهن.“

”بس!“ ديوان کي اهو پگهار به ٿورو لڳو. اڃا ته سچو پگهار ٻڌايانس ها ته نهڙ آپ چڙهي وڃيس ها.

”اهي اسان جهڙي ڇڙي چانهه لاءِ ڪوڙ آهن.“ منهنجي ان جواب لئي ڏٺم ته ديوان جي اکين ۾ هڪ انوکي

چمڪ نمودار ٿيندي. ان ۾ اضافو آڻڻ لاءِ منهنجي شريمتيءَ چيو، "دادا، ڪنواري هوندي ئي مائٽن کان ڌرنو ڌار ڪري ويٺو اٿو. ڪيڏو نه آزاد خيال آهي." منهنجي شريمتيءَ منهنجي لاءِ اٿيڻ ڪنڊويس ٿي ڪئي، جئن ڪو پاڙيتو اليڪشن ايجنٽ پنهنجي اميدوار لاءِ ڪندو آهي.

"پوءِ، تون دادر ۾ ڪٿي رهندو آهين؟"

"رانادي روڊ تي، ڪوهنور سئنيما وٽ جهو، ملڪر مينشن ۾ گرائونڊ فلور تي."

"اڙي ائي پئي ماڙي تي نه منهنجو سنڌو رهندو آهي. تون نه ضرور سڃاڻيندو هوندي کيس - مسٽر عالمچنداڻيءَ کي."

"ها، ها، ڪيئن نه سڃاڻبو هئڪي، جنهن جو کلهوڪو چاول پار به پاڪي انگريزي عالم سمجهندو آهي." مون ٽوڪيندي مرڪيو.

"مان هن وٽ اڪثر آرٽوار جو ايندو آهيان. سياڻي نه ضرور ايندو ساڻس. تو وٽ به ڦيرو پائيبو."

"چوڻ، چوڻ." مون به رکي چيو.

ايتري ۾ دادر اسٽيشن اچي وئي. اسين لهڻ لاءِ اٿيا سين. دروان مونکي کيڪاريندي انگريزيءَ ۾ چيو، "مونکي تو سان ملي آئي آنند پراپت ٿيو. تون نهايت پيارو يار آهين."

"۽ ٿالهيءَ ۾ ٻڌڻ لائق آهين." مهنجي دوستن کي
۾ ٻڌايم.

اسين ٽئي ماڻ لٿاسين. ٽڪون ٻيهر مهنجي شريمتيءَ ڏانهن شوارتي نگاهن سان نهاريو. جڏهن اکين ئي اکين ۾ چوندو هجانس، "ڏس، اڄ ٻيءَ اسان جو ١٠-١٥ هزار ملئي آهي. مٿان کو لائيءَ جو چيڙو سمجهيو هجيئي."

"۽ جي سياڻي سڄ ٻچ ٽو وٽ اچي وڃي ته؟" مهنجي ڪنواري دوست مرڪندي پڇيو.

"ٽ مولاڻي ٽون جو وڏو آهين. گهر ويٺي شڪار ملندم."

"ٻه هڏڪي ٽون ئي پسند هئين."

"اڙي ٻار هڏڪي مان ئي ٻه مهنجا گهڻا پيا پسند هئا."

"چڱو هاڻي هلو. شڪر ڪريو جو مهنجون ماڻهون توهان ڪان ايڏي لياقت جي لسٽ جي تقاضا نه ڪئي." مهنجي شريمتيءَ کلندي چيو.

"ته پوءِ مون جهڙو ٽالي ٻيءَ کو وري مفت ۾ ملين ها ڇا؟"

* * *

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير در تي ڪڙڪي سان اک کلي پئي. مهنجي شريمتيءَ اٿي در لاٿو. ٻاهران ڪنهن جو هٻڪندڙ آواز آيو، "اوهين... ڇا..."

هتي رهندا آهيو؟"

منهنجي شريمتيءَ وراڻيس، "ها."

"ڇا! هي مسٽر واڌواڻيءَ جو گهر ڪونهي؟"

"ها، هي اُنهو ئي ته گهر آهي."

"پاڻ ويٺو آهي؟"

"ها،" چئي منهنجي شريمتي مون وٽ اچي زور سان چيو، "او، ٻڌو ٿا، هوءَ راتوڪو ديوان آيو اٿو. اُٿـــي واٽ مٿو ڪرايوس." ائين چئي هـــوءَ اچي ٺهڪن ۾ پئجي.

مان به کل روڪي نه سگهيس. ٻر اُن کي ڏٺائي، پنهنجي مهمان جـــي آڌرڀاءَ لاءِ در وٽ آيس. مگر ڇا ڏسان تـــہ هوءَ ٻانهون ڇنڊيندو وڃي رهيو آهي، الاجي ڪاوڙ ۾ ڇا جـو ڇا پيو چوندو وڃـــي. مان فقط هي لفظ ٻڌي سگهيس، "اڄ ڪلهه جـــا ڇوڙا ٿيا آهن ڪي؛ اصل ڏکيري ئـــي لهي ويٺي اٿن؟ ڪوڙ کي ڪٽي ڪلتار ٺاهيو اٿن. اگهور ڪلجڳ..."

منهنجي شريمتيءَ کان رهيو نه ٿيو. واڪو ڪري ڪلندي چيائين، "ديوان هوڙو ڪواليفائيڊ نـاني پيو ته ملندءِ!"

هو سٽون پڙاڻڪ ۾ ٻوڙو هـو. اسين ٺهڪن پيمان ٺهڪ ڏئي ۾ مستي ئي وياسين.

(١٩٥٨)

# اُوٺي .... ٻُڏي

سندر کي اڄ هڪ انوکو آزمودو مليو هو. زندگي ۾ پهريون دفعو هُن گهرڌڻيءَ جي جوابداري پيئي هُئي. سندس شريمتي نوڪري لاءِ ملاقات تي وئي هئي. انڪري سندر کي ٻئي ٻيبوءَ ۽ گهر جي سنڀال لاءِ آفيس گسائڻي پيئي هئي.

گهر ۾ چوگرد سناٽو ڇانيل ڏسي هن جي دل ويڳاڻي ٿيڻ لڳي. من ۾ چيائين، ”هن وايومنڊل ۽ آفيس جي وايومنڊل ۾ ڪيترو نه فرق آهي. هتي سڃ آهي ته اُتي وسڻ آهي. هتي ٿوري ڪم ڪان پوءِ اٻاسيون آهن ته اُتي ڪم جي پڄ پڄاڻ لڳي پيئي آهي...“

آفيس جي يادگيري ايندئي سندر جي سامهون گذريل واقعا سئنيما جي تصويرن وانگر ڦرڻ لڳا......

* * * *

”سندر، توهان سان اوٺي آهي...“

”اڙي واهه ٻار آهين ڪا...“

”توهانجي جسوٽي ته ٻار ٿي سمجهيم.“

”سو وري ڪيئن؟“

”چولم ٿي ته مان پنهنجي پٽ جي پيار جي سوين پٽن به قربان ڪري نٿي سگهان؟“

”سو ڇا تون ڪٿي چئيندس هئا ته 'مان پنهنجي پٽ جي هزارين پٽن قربان نٿي ڪري سگهان' پر به انهيءَ اولاد سان ڪهڙو واسطو؟“

”ڇا توهين سمجهو نٿا ته هن جو اشارو ڪيڏانهن آهي؟ جڏهن توهانجي پٽن نٿي چاهي...“ ٺاڪر جو ڪلو پوڄي آيو. هوءَ جملو پورو ڪرڻ کان سواءِ ئي هلي وئي.

۽ سندر جي دل ۾ آنند مانڊ مچي وئي. هن جو من ور ور ڪري پڇڻ لڳو، ”منهنجي جسيءَ جا اهي لفظ؟ هنڪي مون ٿي اوسواس ڪيئن ٿيو. ڇا ۽ شڪ ڪيئن جاڳيس...“ ذهن ۾ ڦوڙ لڳس پر سال اڳ واري ناٽڪي، جا ڏاڍيپسند ٿي آفيس ۾ گهڙي هئي. جڏهن هڪ ڏينهن سندر کي پن سنڌي ڪلارڪن لاءِ اچي ڇيو هو، ”هڻن مٿن ڪي ته ماڻهن، ڪلبن ۽ ٻراڻي ٻاهر ڪان سواءِ پر ڪڏهن سمجهي ٿي نٿو. مون ٿي هڻن جو ٻرڙو سياڻ اصل نه ونڊيو آهي. توهين ڪيڏا نه گنيبر آهيو. منهنجو موهن پر توهان جهڙو گنيبر آهي.“

سندر کي ياد آيو، هن اهي لفظ اچي جسيءَ ٿي ٻڌايا هئا. نه فقط ايترو پر هڪ ڏينهن ناٽڪي ڊود

ٻـــ گهر آئي هئي ۽ جسونتيءَ کـــي چيو هئائين،
”تنهنجو گهوٽ تہ ڄڻ ’سنتوشي‘ آهي. نہ کو غم
ستائيس، نہ کو خوشيءَ جوئي خمار چڙهيس. سدائين
ٻنهيجي ڪم لئي ٻورو، نـــہ ڪنهنجي هٿين ۾ نہ
ڪنهنجي ڪنڌين ۾. پوري وقت تـــي اچي پوري
وقت تي وڃي.“

۽ انهن ئي ڳالهين تـــي سوچيندي نانڪيءَ جي
اوئيءَ واري ڏينهن هو ڪنڌ مٿي تي رکيو ڪٽري
ڊاڙ پريشان پيو هو، جو ٻہ واري ملازم کيس سجاڳ
ڪري چيو هو، ”چو سنتوشي ٻائي، اڄ ائين ٿـــي
ويٺو آهين ڄاڻيم تہ ٿي ويو اٿيئي...“

سندر اٿان اٿيو ۽ اشانت من سان وڃي ٻہ واري
پارڪ ۾ ويهي رهيو. مٿهن اونداهي ٿي وئي تڏهين
اٿي ڪڙي ڪميائين ۽ گهر پهچي پڇائين هڪ عجيب
سوال. جسي پڇي رهـــي هئي، ”چو اڄ توهان کي
ساهيڙيءَ موکل ئي ڪانہ ٿي ڏني ڇا؟“

”کهڙي ساهيڙي؟“

”اها نانڪي، ٻي وري ڪير. اهـــا ڪامڻ گور
ليٽ اسانجا ڏرناڏار ڪندي.“

”هن وڇاريءَ ڇا ڪيو؟“

”ها، هوءَ ٿي وڇاري ۽ مان ٿيس واڙهو گهڻي.
ڏسو تہ ڪيئن نہ هن لاءِ هڏ ٿو ڪڙڪيو...“

"جسي، پاڳل ته نه ٿي آهين!"

"مان پاڳل، هوءَ ٿي سڀاڻي. پـــوءِ چوندا هن لي اکين ڇڪين ڏيندا."

"هي تون اڄ ڇا پيئي چئين. هيڪي بـــ، ڪالهه، الاجي ڇا جو ڇا چيو اٿيئي."

"سو اهو به اڄي توهان کي ٻڌايان ٿي. ٿلهين تــ سچ ٿي چوان ته، پاڻ به بت ٿيا پيا آهيو. ڇا وري ڇا ڇوماڻس. رڳو اهو ئي ته جي ڏاڍون ٻراون مردن کي مٿ مٿ ڪري هوڪا ڏيندا اون ته ٻوءِ هو ڇو ڪوله سندن پليان پوندا ۽ پنهنجين زالن کـــي ڪهڙو پيار ڪندا. مان ته پنهنجي پتيءَ جي پيار جي سولن پٺي به قربان ڪري نه سگهان."

"پياري جسي، اوکـــي سڌ آهي ته هوءَ شادي ڪٿل آهي؟"

"شادي ڪيل آهي ته ڇا. مڙسس پڇيس تورونئي ٿو. هو ته سچو ڏاڍهن نوڪريءَ ۽ ان جـــي ميٽنگن ميڙن ۽ ڪتابن پڙهڻ ۾ پورو آهي "

"پنهنجي معنيٰ تـــه جيڪي مرد ميٽنگون ميڙ ڪوٺائي، ڪتاب پڙهي سماج جـــي سڌارڻ لاءِ ڪم ڪن ٿا ســـي پنهنجين زالن کي نه پڇندا آهن. تـــون موهن ۽ ڏانڪيءَ جهڙن سٺن انسانن تـــي اجايو الزام هڻي رهي آهين."

”الزام ڇاجو ٿي هڻان، سچ ٿي چوان. ڏسو ته توهين هڻي ڪيترو نه ٻڏاڇي ويا آهيو. اڳي ڪيترو نه گڏيو هئا، هينئر ڪيترو نه خوش مزاج ٿي پيا آهيو. مون کي ڏاڍو حسد ٿيو ٿئي، مان چوندو توهان ۾ ايترو ڦيرو آڻي سگهيس.“

”منهنجي جي، ذرا سوچ ته سهي، گذريل ٻه ٽي سال اڳ ۾ اسان هتي لڏي اچي ٽائيمڪو ٽيڪ ۾ ڪيڏي نه تنگ حياتي ڪاٽي هئي. پيٽ قوت لاءِ پورو پئسو ڪونه هو. گهر ۾ سڀ ڏينهن گهڙي ڪلڪل لڳي پئي هوندي هئي. اڳي ۾ جڏهن گڏيل ڪٽنب هو تڏهن آفيس مان موٽڻ بعد روز ٽوڪي ۽ امان کي فريادن جي روپ ۾ ويٺا. ڏسندو هوس. تون هن جي خلاف ۽ هوءَ تنهنجي خلاف شڪايت ڪندي هئي. تون نٿي سمجهين ته آفيس جي ٿڪ کان پوءِ اهي شڪايتون ٻڌي ماڻهوءَ جو ڪهڙو سياءُ ٿيندو؟ هاڻي ان ڪلڪل کان آجا آهيون. آفيس ۾ به ٽوڪي ملڻ ڪري پگهار ڏيڍو ٿي ويو آهي. گهر ۾ گهڙي نه هجي ۽ آفيس ۾ پورو پگهار ملي ته ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي نعمت ٿي سگهي ٿي.“

”ان ڪري ڇا توهان ۾ ايترو ڦيرو اچي ويندو جو توهين سهڻين ڇوڪرين جي ساراهه پيا ڪندا. اڄ ان ڏينهن منهنجي ساهيڙي حور آئي ته سندس

ساراهه ڪندي چيو، ڪيڏي نه مٺين سان جهنجهي
آئي آهي. جيڪي مٺيا توهان کي ڏنا ڪتن وٽن،
تنهنجي ايڏي ساراهه!“

”اڙي ڀڳلي، مون کي ته ٻار ههڙا مٺيا ڪونه
وڻيا، جن هنجي سادگيءَ واري سونهن گم ڪري
ٿي ڇڏي.“

”اڄڙيءَ ڏينهن توهين مون سان ناراض ٿي پيو
ڳالهائي وڃنا هئا ۽ نانڪي آئي ته هن سان کلي
کلي ڳالهيون ڪرڻ وٺي رهيا.“

”ان جي معنيٰ ته ڌاريو شخص اچي ته انکي
چٽي ته پائي هيٺ ڪري هليو وڃ، جو اسين ٻار ۽
وڏيا وڃنا آهيون. اڙي ڌارين سان ته هميشه ماڻهو
کلي ڪيڪاريندو. توهين مون سان وڙهيل هوندي ۽
منهنجن دوستن سان اڃين کلي ڪيڪاريندي آهين.“

”نانڪي سچ پچ ڌاري آهي، توهانجو هن سان
پيار ڪونهي؟“ جسوليءَ سندر جي ڳلي ۾ ٻانهون
وجهي چيو.

”ها هوءَ ڌاري آهي، منهنجي ڪير نه لڳي.
توکي اجايو شڪ ٿيو آهي. اسان ڪڏهن ٻار ۽ پيار
جو لفظ به نه ڳالهايو آهي. منهنجو هن سان فقط آفيس
جي Colleague (همڪار) هئڻ جي ناتي رستو آهي.“

جسولي سندر جي چاليءَ ۾ منهن لڪائي رنڻ

لڳي. سندر جو هٿ جهلي چيائين، "ماءُ ڇا ڪريان.
مونکي ٻن مارا! ايترو مار جو منهنجي دل مان هي غبار نڪري
وڃي مونکي ان غبار ڪيتري وقت کان ڏاڍو تنگ ڪيو آهي،
الاجي ڇا ڇا پيئي سوچيان ڇا ڇا پيئي ڏسان. مونکي ڏاڍو
حسد ٿو ٿئي. ماءُ تنهنجي پيار جي سولان ٻئي اســ
قربان نٿي ڪري سگهان."

سندر جي دل ڀرجي آئي. اکين مان لڙڪ لڙي
پيس. جسوليءَ هنجون اکيون اگهيون ۽ سندر
سمهي پيس. ۽ انهن لڙڪ وهائيندي هنجهي سڄي رات
اکين ۾ ڪٽي وئي.

زندگيءَ ۾ هي ٻيو پيرو هو جو هو سڄي رات
جاڳيا هئا. پهريون پيرو شاديءَ رات هو ايترو وقت
جاڳيا هئا. ليڪن ٻنهي راتين ۾ ڪيڏو نـه تفاوت
هو! شاديءَ رات ٻـه ڌاريا شخص هڪ ٻئي سان
ايڏي ڳـ پنهنجائيءَ سان هليا هئا، جو هو ٻـه نـه،
هڪ هئا ۽ اها رات چرچن گهٻن ۽ ٽهڪن ۾ ائين
آڏامندي وئي هئي، جو ان جي گذرڻ جي سمڪ
ئي نـه رهي هين. مگر اڄ رات روئيندي روئيندي
شاديءَ رات واري پنهنجائيءَ حاصل ڪرڻ لاءِ
ترڦندي گذري رهي هئي. شاديءَ رات ڌاريا
هوندي ٻه هو ڪيڏو نـه ويجهو هئا ۽ اڄ هڪ ٻئي
جي ويجهو هوندي به ڪيڏو نه دور هئا.

صبح جو اُٿي جسوتيءَ چيو، ”توهين هڪ ڳالهه مڃيندا.“

”چئو.“

”اها نوڪري ڇڏي، ٻي ڪريو.“

”٥٠٠ رپين پگهار واري هيڙي ٻي نوڪري هاڻي ڪٿان ملندي.“

”ڇو نه ملندي، توهين ڪوشش ته ڪريو.“

”ڏسان ٿو.“

”ڏسان ٿو نه، پڪ چئو.“

سندر جواب ڪونه ڏنو ته جسوتيءَ چيو ”توهان جي اهائي روش ته ماري ٿي نه. شڪ ۾ ان ڪري ٿي ته جاڳي ٿو. هڪ چيو ٻئي مڃيو، اهو نه آهي ٿي ڪونه.“

”تنهنجي مرضي آهي ته مان نانڪيءَ سان رستو نه رکان، بس نه؟ مان هن سان هاڻي نه ڳالهائيندس.“

”نه ڳالهائيندا ته ٻيءَ ڇا، شڪل ته روز ڏسندس نه؟“

”انهن ته تون ۾ ڪيترن مردن جي شڪل ڏسندي آهين،“ سندر ڪاوڙجي چيو.

۽ ٻنهي ٻنهيءَ وچ ۾ اوشواس جي ديوار اُڀي ٿي وئي.

سندر آفيس ۾ نانڪيءَ سان ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو.

هڪ ڏينهن نانڪيءَ اچي چيو، ”سنتوشي صاحب، پاڻ سان گڏ ٻين کي به نوڪريءَ مان ٽڪيٽ وٺائڻ جو فيصلو ڪيو اٿو ڇا؟“

”ڇڻ ڇاهي؟“

”هي ڏسو، توهان جا به فائيل هون وقت ٽائيپ لاءِ آيا آهن. ڌيان سان پڙهي ڏسو ته ڊرافٽن ۾ گهڻيون غلطيون آهن.“

سندر اهي پڙهي ڏٺا، برابر ڪيتريون چڪون هيون. چيائين، ”معاف ڪجو، رکي وڃو ته درست ڪري ٿو موڪليان.“

”پر توهانکي هي ٿي ڇا ويو آهي! اڳي ته ڪڏهن به اهڙيون چڪون نه ڪيون اٿو... ڀلا هيئن ڪنڌ هيٺ ڪري ڇو ويٺا آهيو. مان ڪو توهانکي ڪائي ٿوري ٿي ٿي وڃان.“

سندر ڪنڌ مٿي ڪيو ۽ نانڪيءَ پاڻي ورتو ته هنجون اکيون وسڻ لاءِ آليون آهن. چيائين، ”معاف ڪجو مون توهانکي غلط سمجهيو.“

سندر جواب ڏيڻ بدران روم مان نڪري ڪئنٽين ڏانهن هليو ويو. نانڪي پڻ ماٺ ميٺ ۾ سندر پٺيان هلي آئي. ڪئنٽين ۾ ويهي نانڪيءَ ٻن چانهن جو آرڊر ڏنو. سندر پاڻيءَ جو گلاس کڻي پيتو. چانهه آئي ٻئي پيئڻ لڳا. ڪنهن ڪان ڳالهائڻ نه ٿي اڪليو.

آخر نانڪيءَ چيو، ”سنتوشي! مون سان نه ڳالهائيندا؟“

”نانڪي مونکي سنتوشي نه چئه، آسنتوشي چئه، منهنجي دل ۾ ڪيڏي آندمانڌ آهي توکي ڪيئن ٻڌايان. مون جسوليءَ سان انجام ڪيو آهي ته مان توسان نه ڳالهائيندس ۽ اسي نوڪريءَ لاءِ ڪوشش ڪندس.“

”مون نٿي سمجهو ته توهين ايترو جلدبازي ۾ آهيو. توهين سمجهو ٿا ته هيڏي پگهار واري نوڪري توهان کي هاڻي جلد ملندي؟“

”وڏي نه ته ننڍي ئي سهي. ڇا ڪريان، مونکان جسوليءَ جو شڪ سٺو نٿو وڃي. مونکي خبر آهي مان هنکي ڪيترو پيار ٿو ڪريان.“

”پر ڪهڙي خبر اڄ ڪنهن آفيس ۾ ئي توهانجو ڪنهن ڇوڪريءَ سان رستو ٿي وڃي ۽ وري جسولي توهان لي شڪ آڻي.“

نانڪيءَ جي ان ڳالهه سندر کي گويا نئين سر سجاڳ ڪري ڇڏيو. جوشيلي آواز ۾ چيائين، ”اهڙا ڳالهه ناممڪن ناهي. زالون آهيو پهرئين نمبر جون حاسد! رڳ رڳ ۾ قبضيداريءَ جو احساس ڀريل اٿوَ. پر ان کان وڌيڪ آهيو ٻوڙي!“

”ڀلا ڀلا اسين حاسد آهيون، اسان ۾ قبضيداريءَ جو احساس آهي،“ نانڪيءَ ٺهه سان وراڻيو، ”پر

اهي خاميون نه ٿوريون گهٽيون مون ۾ به آهن.
اسين جي ٻولي آهيون ته توهان جي حالت به
ڪڏهين ڪڏهين اسان لاءِ ٻولي ٻڌڻي پوندي آهي.
جيڪا ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي سا آهي ٻولي. ان
۾ نه سمجهه جو ۽ نه سياڻپ جو ڏوهه آهي. سمجهه جي
وڪاس لاءِ ڪوشش ڪرڻ کپي. توهان ڪڏهن جسواڻي
جي وڪاس لاءِ ڪوشش ڪئي آهي؟ ڪڏهن ڪيس
اخبارون يا ڪتاب پڙهي ٻڌائيندا آهيو؟"

"اڙي واهه! مان جڏهن به کيس ڪجهه به پڙهي
ٻڌائيندو آهيان ته اڪثر ڪري هوءَ جهوٽا کائڻ
لڳندي آهي."

"سو ڇا؟ هڪ دفعو جهوٽا ايندس، ٻيو دفعو
ايندس ٽيون دفعو ايندس. ليڪن ته ضرور دلچسپي
پيدا ٿيندس. مئٽرڪ پڙهيل آهي. مان پهرين ائين
ڪندي هئس ۽ هن جا ڳالهائڻ ڪـائيندي هئس.
آخر ته هري وٽس ۽ هاڻي اخبارن ۽ ڪتابن پڙهڻ
کان سواءِ ته جيڪر جي به نه سگهان انهيءَ پڙهڻ
سان دنيا کي نئين نگاهه سان ڏسڻ لڳي آهيان.
وري نوڪري ملي اٿم ته آفيس باقي نگاهه وسيع ٿي
پيئي آهي. توهان به ڇو نه ٿا جسواڻيءَ کي نوڪري
وٺي ڏيو."

"جڏهن مان ڪمايان ويٺو تڏهن هن کان نوڪري

ڇو ڪرايان. گهر ۾ رڌڻ پچائڻ ۽ ٻيو ڪم به نه آهي. ٻار جي پالنا..."

”نه ڇٽيو هوءِ. نڪتي جي ٻورچاڻي ۽ آيا ٿي ڪم ڪري ۽ توهين صاحب عيش ڪندا وتو.“ نانڪيءَ جوش ۾ چيو، ”گهر جي جوابداري جيتري هن تي آهي اوتري توهان تي به آهي ۽ اها نه آيا به ڪري سگهي ٿي. جسولي نه توهان جي جيون ساٿڻ آهي. چوديواريءَ اندر، استرين کي ٻوساٽي ٻڌگدل بڻايو به توهين ٻوءِ به ڇڏيو لـــ هو حسد ڀڄـــڻ ٻڌليون آهن، ٻوڙي آهن. توهين هيءَ نـوڪري ڇڏي ٻـــي همٿ ڪرايو، ڇين ڪان نه ٻهتر آهي ته هڪڙي نوڪري ولي ڏيو. توهان کي همٿ ڏيڻ هيڏي ٻگهار واري نوڪري ڏاڍي مشڪلات سان ملندي. هن جي نوڪريءَ سان ڏسجو منجهس ڪيڏو نه فيرو ٿو اچي، هنجو شڪ، حسد ۽ وسواس ڪيڏانهن ٿو غائب ٿي وڃي. منهنجو موهن چوندو آهي ته انسان کـــي سڌارڻ ۽ بگاڙڻ ۾ حالتن جو وڏو هٿ رهندو آهي.“

سندر کي نانڪيءَ جـــي ڳالهه دل سان لڳي. چيائين، ”ليڪن هاڻي جي مان جسوليءَ کي نوڪري ڪرڻ لاءِ چوندس نه شايد نه مڃي ۽ دل ۾ ٿئون شڪ ڄاڳيس. ان ڪانسواءِ اسين اڄ ڪلهه ٻاهرڻ ۾ تمام ٿورو ڳـــالهائيندا آهيون. گهر ۾ گهٽو ڪري موت جهڙو

سدائين ڇانيل هوندو آهي...“ چوندي سندر جو گلو ڀرجي آيو.

نانڪيءَ مرڪندي ساڻس چيو، ”اهو ڪم مان ڪنديس.“

* * * * *

اڄ نانڪي جسوتيءَ کي نوڪري وٺي ڏيڻ ۾ ذري گهٽ ڪامياب وئي هئي. کيس انٽرويو ڏيارڻ لاءِ آفيس ۾ وٺي ويئي هئي.....

سندر ڪلپنا - سنسار مان موٽي آيو ۽ تڏو ساهه کڻي اٿي کڙو ٿيو. سندر ڏڪي ڏانهن نهاريو. هو گهڙيءَ نعل ۾ هو. گهر ۾ ٽٽل پکڙيل راندڪا ڦاٽيڪا ڪري هو وڃي دريءَ وٽ ويٺو ۽ ويٺو رهيو. پريان نانڪي ۽ جسوتي کي ايندو ڏٺائين ته واپس اچي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.

جسوتي خوشيءَ ۾ ڀرائيندي اندر گهڙي. نانڪي چپ چاپ هڪ ڪنڊ ۾ ويهي رهي. جسوتيءَ هيج مان پٽ کي چمي ڏيندي چيو، ”لالڏهڻ چڱو ٿيو اڄ توهان کي لنگ نه ڪيو آهي...“

سندر انتظاريءَ مان پڇيو، ”هيئر ڏاڍو ڪيئن، ڇا نوڪري ملي وئي؟“

جسوتيءَ کلي چيو، ”نوڪري ته ملي وئي. اڄ لي...“

سندر ڪيترن ڏينهن کان پوءِ پتنيءَ جي منهن تي ٿي ٿڪ ۽ مرڪ پسي پاڻ به کلي پيو. چيائين، "آفيس پسند آئي؟"

جسوتيءَ ٺونٺون آڏو ٿي ڦيرائيندي چيو، "آفيس پسند نه آئي. پر آفيس جو وايومنڊل ڪو هو! ڪنوارا، پوڙهل ڇوڪرا ڇوڪريون سڀ هڪٻئي سان اهڙيءَ آزاديءَ سان پيا ڳالهائين جو ڇا چئجي. مونکي ته ڪم گهڻو هو ڪونه، بس انهيءَ ئي ڳالهه تي پئي سوچيم. هنن سڀني کي انهن آزاديءَ سان ڳالهائيندو ڏسي انهن سمجهڻ نه هو هڪٻئي کي پيار ٿا ڪن سو هرو ڀرو مڃڻ ناهي. هنن جي وچ جا پنهنجائي آهي انکي ڀاءُ ڀيڻ جي پنهنجائيءَ سان ڀيٽڻ واجب ناهي. انهن پنهنجو لڳيم آفيس جي ماڻهن جي هڪ پنهنجي برادري آهي ..... اڙي نانڪي ڪيڏانهن وڃئي ......" چوندي جسوتيءَ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳي.

سندر جو ڪنڌ جهڪي ويو. جسوتيءَ پيهان مڙي ڏٺو. نانڪي ڪنڊ ۾ ويهي کلي رهي هئي.

جسوتي کيس پنهنجن آڱرين کان ڇڪيندي چيو، "منهنجي ڪري تو منهنجي گهوٽ سان اوٺي ڪئي آهي نه، هاڻي نه ٻڌي ڪريان."

نانڪيءَ چيو، "اوهان گهوٽ ڪنوار به نه منهنجي

## ڪوي ٻاڙ ۾ اوڻي ڪئي آهي؟

جسوليءَ ٻئي هٿ سان ٻتيءَ جي هٿ جون ٻ آڱريون ڳوليندي چيو، "اسان جي ڪهڙي ڳالهه آهي اسين نه الي ڏي اوڻي ڪندا سين، اتي ڏي پڌي ڪندا سين." ۽ ٻنهي جي مکن ٻئي جهلڪي رهي هئي هڪ الوڪي موڪ، جنهن ۾ وشواس هو ۽ سنتوش......

(١٩٤٩)

# ”پتنگن پٺ ڪبو....“

شام ٿيندي هئي ته وديا جون اکيون وچي گهڙيال ۾ کپنديون هيون. جڏهن جئن ڇهين لڳڻ جو وقت ويجهو پوندو ويندو هو، تئين تئين سندس انتظار وڌڻ اڳيندو هو. در تي نڪ نڪ ٿئي، ان کان اڳ ۾ ئي هوءَ ڪڙو لاهي چوڙٽ کولي ڇڏيندي هئي. پر ان هوندي به در تي ٺڪ ٺڪ ٿيندي هئي؟ سو سال ۾ ٿيندي هئي ۽ ليستائين ٿيندي رهندي هئي جيستائين هوءَ پاڻ اٿي در وٽ نه ويندي هئي. ان وقت هن جي تن بدن ۾ هڪ هلچل مچي ويندي هئي. هوءَ پٽ کي گول گول ٻانهن کي گلي ۾ وجهي ڪرسيءَ تي وهاري ڪيتليءَ مان ڪوپ ۾ چانهه اوٽي ڇڏيندي هئي.

ليڪن اڄ... هوءَ هڪ ئي هنڌ ڄم ڪاٺي ويٺي رهي ڇله جي اکيان ٿي......

”اسان پهرين قدم ۾ اڳي ئي ڏيئي ڇڏيو آهي. ڪهڙو نه سٺو ڀانو آهي.“ واليمئنرن جا اهي لفظ وديا جي مغز ۾ ڏان ڪري ٻري رهيا هئا. هن

جڏهن جڏهن انهن لفظن تي ڪن ڏـي ڏٺو، تڏهن تڏهن سندس من کيس ڦٽڪار ٿي هڻئين "تو ڪوڙ ڳالهايو آهي... تو ڇاءِ فند ۾ ڪجهه ڪٿي ڏنو آهـي؟... ڪٿي ڏنو آهي...؟"

وديا ڪلهن تي ڪٺي هٿ رکيا. "ڇو مون وٽ آهي ٿي ڇا جو ڏيان؟" مـــن سان دليلبازي ڪيائين. "مون وٽ ته نـه آهي پئسو پنجڙ، ناهي مٺيو منڊي جيڪو ڪجهه هو سو ته اڳ ئي آزاديءَ جي آهوليءَ ۾ سهائـا ٿي ويـو هو..." هوءَ سنڌ جي يادگيرين ۾ کوهجي وئي...

... ... ... ...

آگسٽ ۱۹۴۲... مهاتما گانڌي، جواهرلعل ۽ ٻين اڳواڻن جي گرفتاري... "ڪئٽ انڊيا"... "ڪرينگي يا مرينگي"... "انقلاب زنده باد"... جي صدا اُٿي ۽ اُنهيءَ پڙاڏو ڪاليجن ۽ ڪارخانن، شهرن ۽ ڳوٺن مان ٿيندو گهر گهر ۾ پهتو......

"اڙي اڄ ٿي، منهنجو ته ساهه ٿي سڪائي ڇڏيئه؟ هيترو دير ڇا لي ڪيئه؟" ماءُ وديا کي گلي لڳائيندي چيو.

"اما، دادا ڪٿي آهي؟"

"اهو ته ٽوڪي الائي ڪٿي ڪٿي ڳولڻ ويو آهي. چيائين پئي، اڄا ڪاليج ۾ نئين نڪتين آهي، انڪري

اُتي تو ڏسڻ وڃانس، اُتان پوءِ ان ڪانگريسي سنتوش وٽان به ٿيندو ايندس."

"ڪاليج ۾ ته ڪڪڙڪو لڳي پيئي آهي. سنتوش به اسان سان گڏ موٽيو آهي؟" وديا وراڻيو.

"ڪٿان؟"

"داس گارڊن مان."

"اڇا اُتي گهمڻ ويئي هئينءَ."

"گهمڻ نه ويئي هئس، پر پوليس چڙهي آئي هئي. اتي مان هڪ ٽوريءَ هئس، سوين بيا به ته هئا. امين جهڙا ته سوين هئا! سڀ ڪاليجي ۽ اسڪولي شاگرد هئاسين. پوليس آئي اسانکي ڇڙوڇڙ ڪرڻ لاءِ. رڙيون ڪيائون. مجال آهي جو ڪو چري. سڀني اُنالي کي ڏٺي گرفتار ڪيائون. پلا جيل ۾ ڪٿهن کي رکي ڪٿهن کي رکندا، سو سيٺي کي پوليس چونڪي ۾ ڪجهه وقت وهاري پوءِ ٻاهر ڇڏي آيا. امين، هاڻي انگريز ٻچي کي ديس مان هڪالي ئي دم پٽبو..."

"ٻڌو ٻڌو، ٿوس ڦندڻي. وڏي آئي آهي انگريز کي هڪالڻ واري. ڏيءُ ڏڻ ٿي ڪري ٻاهرون ڪهڙيون ويٺي ڪرين؟ داس جي پڳ جو ٽوڪي اچي پيئي آهي. ڪاليج پڙهي قابل ٿيءُ ته ڪو ور گهر ۾ سٺو ملينئي."

”اڙي امين هاڻي وقت ايڪلهه ڪاليج ڪيئن ٿو
پڙهي! اڄ ڪاليج ۾ ڪتابن بدران اخبارن جو ايتاس
پيو لڳي. ڪتابن بدران پمفليٽون پڙهون ٿا. جيڪي
نت نئين وارا نڪتا ڇورا هوندا هئا، سي به اڄ
پوئم ۽ رومانس جا پروگرام ونڊي، انگريزن کي تڙڻ
جا پروگرام پيا ٺاهين.“

”چڱو هاڻي گهڻو ٿيو، ڪهڙا بدلائي اچي ڪاڻ.“

”امين اڄ ڪانڄ تي دل ني نٿي ٿئي.“

”ڇو ٻاهران ڪاڻي آئي آهين ڇا؟“

”نه، رڳو سينس ۾ ٿورو ڪاڻم. ۽ جڏهن ٿي سرگس
اڪتي، تڏهن رڳو ٻاڻسي ٻڌي پيتوسين ۽ قومي راڳ
پڻي ڳاتاسين. نعرا پڻي هڻياسين.“

”مان به جوان ٿڙي لڏهن ڪهڪهي ٿي اٿيٿي.“

”پر امين، اڄ ته ڪمال ٿي ويو. اللهي ڪتان
اڳتري سڀهن شڪتي آئي. پوليس اسان لاءِ ڪاڏو ڪٽي
آئي پر مجال آهي جي ڪو ڪٽي داڻو چکي. وڏا انگريزي
عملدار آيا، عرض ڪيائون ته به ڪنهن نه ٻڌن. اصل
اسڪولي نندا ٻار به بک تي رهيا. انڪري انهن کي
جلد آزاد ڪيائون. اسانکي مارشل لا ڪورٽ ۾ وٺي
هليا. اٿي وارننگ ڏنائون ته جي ٻئي دفعي آيا ته
لٽڪا به ڪائيندا، جيل ۾ به ويندا. پوءِ پوليس لاريءَ
۾ چاڙهي ڪن کي داس باغ، ڪن کي قليلي، ڪن

ڪي اسٽيشن، ڪن کي قلعي تي چڙهي آئي. اسين ٻه داس باغ مان ٻيڙين پٺيان سرگسون ٺاهي، گيت ڳائيندا، نعرا هڻندا اچي شهر پهتاسين. شهر ۾ حشام ماڻهن جا اسانکي ڏسي ٻاهر ۽ پيا نعرا هڻن. ڌارين خلاف ڇا ته جوش هو. اسين جيستائين ديس کي آزاد نه ڪبو تيستائين سک نه ...“

”اڙي آئي تنهنجي لاڏي؟ ڪيڏانهن وئي هئي سڌ اٿيئي؟“ ٻيءَ گهر ۾ گهڙندي ئي چيو.

”ها، ٻين سان گڏ سرگس ۾ وئي هئي. پوليس گرفتار ڪري ڇڏي ڏنس.“

”اڄ پوليس ۾ وئي، سڀاڻي جيل ۾ ويندي. ڪل جو نالو ته ٻوڙائين نه.“

”دادا، هي ڇا ٿا چئو! ملڪ جي آزاديءَ لاءِ جيل ۾ وڃڻ ڪل جو نالو ٻوڙڻ آهي! ان مان ته ٻاڻ ڪل جو نالو روشن ٿيندو.“

”هاڻي گهڻو ٿيو. ڪاليج ۾ وڃي آهين ته ڪڙهي ٻڌي آهين. باقي ٻه ان سنتوش جي سنگ ۾ تـه زبان ئي کلي پيئي اٿيئي. هاڻي ڪاليج ۾ وڃڻ جو ڪو ضرور ڪونهي؛ نڪو وري سنتوش سان رستو رکڻ. جيڪڏهن رستو رکيئه ته پيا تون گهر ۾ هونديئن؟ ٻا مان.“

وديا ٻيو سال ڪاليج نه وئي. جڻ گهر ۾ قيد

هُئي. هوڏانهن سنتوش ٻه سچو سال انگريزن جو قيدي مهمان هو. جڏهن ڏينهن هو آزاد ٿيو، تڏهن ڏٺائين ته دنيا وڃي ڪيئن ڳري. ٻئي ڀيري آزاد ٿيا هئا، وڇڙيل ساٿي گڏجي مليا هئا. مهاتما گانڌيءَ جي مورت اڳيان سڀ کي ساڪي بڻائي هٿڪڙيءَ کي جهڙيون ساٿي بڻايائون. سرڪاري دفتر ۾ صحيح ڪري ان لاءِ شاديءَ جي مهر هڻيائون. نه شهنائي وڳي، نه گلن جي ورکا ٿي، نه ڪا محفل متي.

سهاڳ رات جڏهن سنتوش چيو، ”وديا، شاديءَ لاءِ کهوٽ، ڪنوار کي مٺيا منهنون، ويس وڳا، ٻهڪ ٻهڪندس، الاجي ڇا ڇا سوڪڙيون ڏيندو آهي، ليڪن مون وٽ نه اهو ڪجهه ڪونهي. مون وٽ نه فقط ’مان‘ ئي آهيان جو نه لوڪي...“ تڏهن وديا روئي پيئي هئي.

”اڙي پڳلي روئين ٿي!“

”الاجي ڇو... تنهنجي همدرديءَ هردي کي لوڙي وڌو.“

”مونکي معاف ڪج.“

”سنتوش، جڏهن تو وٽ آئيس پئي، تڏهن پنهنجا سڀ دروازا بند ڪري آئيس، آسون اميدون پلي آئيس. مٺي، پئي ٿي ويس وڳي جو موه آزاديءَ جي ٻيگهه ۾ آهولي ڏيئي آئيس. گذريل ٻارهن مهينن ۾ مون

الاجي چاچا ٻوڍو آهي، چاچا سوچيو آهي. منهنجن مسائلن منهنجي مرضيءَ خلاف شادي ڪرائڻ لاءِ ڪيترائي واجهه وڌا. ٻيو هر ڪو ڇوڪرو واڳهوءَ وارو وات ڦاڙي ويٺو هو. منهنجا مائٽ اهڙا شاهوڪار ته ڪونهن جو انهن واڳهن جو پيٽ ڀري سگهن..."

"تڏهن ٻه لوڪي مون سان لائون لهڻ کان روڪيائون ٿي!"

... ... ... ...

"دور هٽو، دور هٽو، اي دنيا وارو، هندستان همارا هي" گنگنائيندو وديا جو پٽ گل جڏهن اچي هنجي سامهون بيٺو، تڏهن وڃي هوءَ يادگيرين جي سنسار مان سجاڳ ٿي.

"ممي، لون روئين ويٺي! دادا ٽولي چڙهو آهي نه؟"

وديا موڪي ڪنڌ سان نڪار ڪئي. نڪائڻ لاءِ چيائين، "لون هڪ مهن ڏولي اچ ته. جانهه پيارڻانءِ."

"نه پهرين ٻڌاءِ لون ڇو ٿي روئين."

"پٽ ڪجهه ڪونهي."

"پهرين ٻڌاءِ نه ته مان ٻه روئيندس."

"نه نه، پٽ مان لوڪي روئڻ نه ڏيندس،" چوندي وديا پٽ جا ڳول ڳل ڳچ دفعا چمي ورتي.

"نه ٻڌاءِ، ڏاهي آهين نه."

”پٽ اڄ مون ڳالهيون ياد اچي ويون.“

”ڪڏهن جون؟“

”جڏهن تنهنجو دادا آزاديءَ لاءِ انگريزن سان لڙيو هو ۽ جيل ويو هو.“

”هان ممي! ته مان به هاڻي ڌارين حملو ڪندڙن سان لڙندس ۽ جيل ويندس.“

”نه پٽ، تون اڃا ٻار آهين.“

”سو ڇا ممي، اڄ اسڪول ۾ ته ڏاڍو مزو هو.“

”ڇا هو؟“

”سڄو وقت راڳ ڳائيندا سين. وچ وچ ۾ پيا ڇٽون ڪندا سين يا مرندا سين، جيئن ڪي هڪالي ڪيندا سين. خوب ڏاڍو ها سو ڏاڍو.“

”پوءِ؟“

”ممي، مون پنهنجي سڀ خرچي ڏني ڇڏي. اسانجي ستين درجي جي ڪلاس مان سڀني پنهنجي خرچي ڏني، پر ٻين ڪلاسن مان سڀني نه ڏني.“

”موري وڃانس، تو رسيس ۾ ڪجهه نه کاڌو. بک ڏاڍي لڳي هوندءِ؟“

”لڳي هئي، پر هيڊمر بک ڪانهي“

”نه نه، ٻهراڻ هٿ مدهن ڏوڙي اندر صفحي ۾ هل. ڇانهه ڪٽي ٿي اچان ٿو.“

”ڇگو اڄ، ممي ڪيترن ڇوڪرن اٺ آنا به ڏنا

پر مان ٿي هوس جڏهن گهوٽ ۾ پهتا ڏٺــا.
ڇوڪرن چيو ته تون غريب آهين. ممي اسين غريب ڇو آهيون؟"

"ڇو ته اسان جو ملڪ غريب آهي."

"پوءِ اهو شاهوڪار نه ٿيندو؟"

"ڇو نه ٿيندو..."

"ڪڏهن ٿيندو؟ جلدي ٿئي نه."

"پٽ، وقت لڳندو. اسانجو ديس شاهوڪار ٿيڻ لاءِ ٿي نه آدم ڪري رهيو هو پر چين ڪـي اها ڳالهه نه وڻي. انڪري اسان تي حملو ڪري ڪونس ڪٽي اٿس، جنهن واڌارو ڪري نه سگهون."

"ممي، ڪونس ڪيئن ڪٽي اٿس؟"

"اسانجي حد ۾ گهڙي آيــو آهي. چوي ٿو ملڪ مهنجو آهي."

"جنهن پاسي واري موهن ماءُ اسانجي در پوسان اچي پهنجا ٽپڙ رکندي آهي؟"

"اُنکي نه سيءَ چـال وارن ڳڏجي ٽپڙ ڪٽائي ڇڏيا نـه؟"

"ها، پٽ."

"هن چين کـي نه اسين ٽپڙ ڪٽائيندا سين."

"او ودا، ٻڄي وياسين... اڙي ٻڄي وياسين."

چوندو سنتوش گهر ۾ گهڙيو ۽ گهڙندئي وڏا ۽ ننڍ
کي ٻنهي ٻانهن ۾ جهلي ڪٺي مٿي کنيائين.

”پارٽي ڇڏيو. ڪيو ڏسي نه وئي. ڳالهه ڪريو،
ايترو ٻوڙ ۾ ڇو ٻڌجي ويا آهيو؟“

”اسانجي پرڌان منڊليءَ اعلان ڪيو آهي ته
چين جي حملي ڪري بي طرفداريءَ جي نيتي
ترڪ نه ڪنداسين ۽ سوشلزم جي آدرش تان نه
هٽنداسين.“

”سو ڇا؟ اسين ڪيئن ٻڌي وياسين!“

”اڙي پڳلي سمجهي نٿي ته جي بي طرفدار نيتي
ڇڏي آمريڪي بلاڪ ۾ شامل ٿيون ها ته اڄ نه رڳو
اسانجي پر سڄي دنيا جي آزادي ۽ امن آڳ جي
شعلن ۾ وڪوڙيل هجن ها.“

”هون!“

”ٻه سوشلزم تان هٽڻ تان اسانجون سڀ قربانيون
وڃي وڃن ها، اسانجا سهاوڻا سپنا وڃان ٿي وڃن
ها. وڌيڪ هاڻي وڃي اميد جاڳي هئي ته هتي
سوشلزم ايندي سک جو ساهه کڻبو. ان اميد تي ئي
تڪي پاڻ اونداهي جهڙي زندگي ڪاٽي اٿئون. دشمن
نٿو چاهي ته اسين ڪو سک جو ساهه کڻون. پر
اسين ڪيس هتان هڪالي، سندس مرادون مٽيءَ ۾
ملائيندا سون.“

"هون!"

"رڳو هون هون ٿي ڪرين. اينتري سانت ۾ ڇو آهين، طبيعت ته ٺيڪ آهي نه؟"

"دادا، مان آيس ته ممي رنو ويٺي،" گل چيو.

"هان، سچ؟"

"اڄ صبح جو والنٽيئر آيا، قومي بچاءَ لاءِ مدد گهرڻ آئون. چيومان، 'اسان اڳيئي ڏئي ڇڏيو آهي.' هڪڙي کي چوندا ويا، 'ڪهڙو نه سٺو ڀاڳ ڏنائين' اهو ٻڌي دل ڏاڍو ڦٽڪاريو آهي، مون ڇو ڪوڙ ڳالهايو. دک به ڏاڍو ٿيو ٿئي. اهو زر زيور به ڪونهي جو ڪٽي وطن تان وارجي."

"بس، ڳالهه اينتري. ڀلو ڪوڙ ته ڳالهايو ڪونه. تو وٽ جيڪو ڪجهه هو سو ته ١٩٤٢ جي ڪئٽ انڊيا هلچل ۾ سهائتا ڪري ڇڏيئه. ڪاليج کي نوڪر هڻيئه. مٽ مائٽ ڇڏڻا پيئه، زر زيور، واس وڳا سڀ ترڪ ڪري ڇڏيئه. صحت جي به پرواه نه ڪيئه."

"پر توهانجي صحت ته ٺيڪ آهي نه. شڪل ڪجهه سائي پيئي لڳي... اڄ هيءَ پٽي چاچي ٻڌائي آئو؟"

"ڪجهه ڪونهي. رڳو ٿورو رت دان ڪيو اٿم."

"مان به چوندي رت دان ڪريان،" وديا اتساهه سان چيو.

"پر... وديا... توکان رت نه وٺندا." چوندي سنتوش جي دل ڀرجي آئي. "...اسانجي پرائيمري ماستر مان به رڳو منهنجو رت وڙڪائون."

"دادا، مميءَ بدران مان رت ڏيندس."

"واه، سورهيه پٽ واه!"

"دادا، مون اڄ پنهنجي سڄي خرچي دان ڪئي. اسان جي سڪول جا سڀ شاگرد روز هڪ پيسو دان ڪندا."

"تون مان هاڻي ديس لاءِ ڪجهه مدد نه ڪري سگهندينس؟" وديا جو ديپال درد اُڇل کائي آنسو ٿي پيو. "نه، نه، ائين ڪيئن ٿيندو؟"

"اڙي پڳلي، تنهنجو اهو احساس ئي اسانجي آزاديءَ جي راه ۾ وڏو مددگار آهي. رڳو ان کي پنهنجي چوديواريءَ تائين لڪائي نه رکج، ڦهلائج، ائين جئن اجالو اونداهيءَ تي ڦهلجندو آهي." چوندي سنتوش ليٽي پيو. اندر ۾ پڇتائيندو رهيو.

وديا اُٿي بتي ٻاري. ڪمرو روشنيءَ سان ڀڪي اُٿيو. الاجي ڪٿي لڪل پتنگ اچي بتيءَ تي مڙيا. جنکي ڏسندي هوءَ خيالن ۾ کوهجي وئي.

(١٩٦٣)

# جيون ساٿي

”اڇها، ممي اڇها،“ ننڍڙي رميش چيو. هن جو مڌرو آواز سناٽي ڦهليل پارڪ ۾ دور دور تائين مڌر مرليءَ جي آلاپ وانگر ريا جيسي ڪن ۾ گونجي ويو. ليڪن هن جو سوال ٻڌا ڇوڪ ٻوڪ جي اُن ابيچ اي لي ٻيو رهيو، گويا، اُن ۾ ڪا جان ئي نه هئي.

اڄ بمبئي جو سمنڊ بي مالو هو لــ. پارڪ جي وسيع ميدان ۾ ڦهليل چانڊني پٽ موڳي هئي. رات جا ساڍا ١٠ لڳا هئا. پارڪ ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ جوڙي ڪانسواءِ ڪوبه ماڻهو ڇيڻو نٿي ڏسڻ ۾ آيو. رميش جي سهڻي آواز کي هونءَ شيوارام جا ذرا ٻوڙا ڪن مشڪل سان ٻڌي سگهن ها، پر اڄ هن انها پارڪ ۾ رميش جي ”ممي“ لفظ هن جي جسم ۾ گويا جان ڦوڪي ڇڏي. هن ڪڙو قدم وڌايو ۽ روپـا وٽ پهچي ويو.

”روپا، رميش ۽ ميدوءَ جو به ڪو خيال نه ڪيئه. هو صبوح جو اُٿي ڪڍهن کي ’ممي‘ ڪري پڪارين ها،“ شيوارام چيو.

”آخر مان ئي سڀني جو خيال ڪرڻ لاءِ ڄائي آهيان يا منهنجو ٻيو ڪو خيال ڪرڻ وارو آهي،“ روپا جي آواز ۾ نااميدي سان گڏ نفرت به ڀريل هئي.

هوا جي تيز جهوٽڪن ۾ روپا جو سڏو آواز اُڏامي ويو ۽ ۵۰ سالن جي ٻُڍي شيوارام جي ڪنن تي خير ڪو اثر پيو. ”ذرا زور سان چئو روپا.“ روپا جي دل ڪڙهڻ لڳي. پيا جواب ڏيڻ جي ريشم کي ٻانهن ڪان وٺي اچي موٽر ۾ ويهي. شيوارام پڻ هنڪي سالت ۾ رهڻ ڏنو. هن اهڙي اڪ ڪليا هئا جو روپا کي ڳولي لڌو هئائين ۽ ٻهڙليءَ ڪان لڳي ويو. تڏهن ڪانسواءِ هنکي جهوٽا به نه اچي رهيا هئا.

موٽر بنگلي ڏي پهتي. ٻاهر چڱا ڏي پاسي وارا ڇنڇگوپا ڪري رهيا هئا. ليڪن روپا جي اکڻ تي گويا اٿاهه شانتيءَ جو سمندر وهي هليو. ڪنهنجي ٻه واس مان اکر نه نڪتو. هو هڪ هڪ ڏي ويندا رهيا. ”ڪهڙي نه حسين آهي،“ پاسيرو ڪنهن جوان ٻئي کي چيو. جنهن ٻي ساڳي لهجي ۾ ورائيو، ”پيڇي ۽ ٻالڪيءَ جو هي عجيب ميلاپ آهي.“ روپا هنيءَ گفتار جهٽي ورتي. هو ٻئي رمندا رهيا ۽ روپا وٽ سوچڻ لاءِ ڪاڏو چڱي ويا.

شيوارام نه جلدي وڃي آرامي ٿيو. ليڪن روپا

جي نيڻن ۾ ننڊ نه هئي. هن چاهيو ته ڪاش ڪو همراز هجي جنهن سان ڪي گهڙيون رهاڻيون ڪري هيانءُ ٺاري. شيوارام کي ته اصل ٻولون صبح هو. هوءَ پاسو واري ڪمري ۾ نري گهٽ پاڻ جيڏي مانيلي ڏيءُ پشپا وٽ ويٺي ته متان اها جاڳندي هجي، مگر هوءَ الجيلي ٻ ڏ ڪڏهانڪر سمهي پيئي هئي. نائيٽ لئمپ جي جهڪي روشنيءَ ۾ روپا هندڪي ڇتالي ڏٺو. "ڪهڙي نه خوش نصيب آهي هوءَ، جو پنهنجو ساٿي پاڻ ئي ڳولي رکيو اٿس،" هوءَ سوچڻ لڳي، "هوءَ اُن سان گڏ گهمي ٿي، ڦري ٿي، محبت جون رهاڻيون ڪري ٿي، بحث مباحثو ڪري ٿي. ڪهڙي نه چالاڪيءَ سان هن پنهنجي جي اکين ۾ ڌوڙ وجهندي رهي ٿي. پشپا جي ڪهڙي نه لاڏائي زندگي آهي. مان ڪهڙي نه اڀاڳي آهيان. پلا مون ڇو نه ائين ڪيو. مان ڇو نه هن جيترو انگريزي پڙهيس." هن جي دل ۾ سندس گذريل جيون جون گوناگون تصويرون اڀري آيون.

روپا اُن وقت ١٩ سالن جي هئي. انگريزي ڇهون درجو پاس ڪيل هئي. هندستان جي ورهاڱي هيٺ سندس مائٽن جو حال هيڻو ڪري ڇڏيو. ٻيءَ ته لڏ پلاڻ جي لوڏن جي سٽ جهلي نه سگهيو ۽ وڃي ساڃهن سڪائو ٿيو. باقي رهيس ماءُ ۽ ننڍو ڀاءُ، جن

وٽ ڪمائڻ لاءِ ٻورو ٿيو ڪونه هو، سي پلا ڪيئن
ڏيتي ليتي ڏيندا، جو هن کي دل گهريو ۽ آکيو
جيون ساٿي ملي سگهي. اهڙي وقت ٿوري رات
جو ستن ڦيرن ڏيڻ بعد روپا شيوارام جي سنسان
محل جي عمر ڀر لاءِ ٻانڌي ٿيڻ ويئي ۽ لعهن سان
گڏ ٽن ٻارن جي آيا پڻ!

روپا ٻالڪپڻ ۾ وڃي ويٺي. هن جي دل ۾ آنند-
مانڊ جاري هئي. ان سالن جي عرصي ۾ هن پنهنجي
جيون جو خير ڪو سک ڏٺو هو. اڳ ڏينهن ته جڏهن
لٽن ڪري ننڍي وڏو هئس... ڪڏهن ساهيڙيءَ
وٽ ته ڪڏهن سهيلين تي ته ڪڏهن ماءُ جي پڙهڻ
۾. ٻر هيڏي ته اهو ٻه وڏي ٿيندو هوس. مشغوليءَ
لاءِ جنسي لڙندي هئي. ڪاري رات جو خيال
ڪندي هوءَ ڪنبندي هئي. اها ته زندگيءَ جي
شروعات هئي. اهڙيون ڪاريون راتيون ته سوين...
هزارين اچيون هيون. هوءَ پڻ پڻ ڪرڻ لڳي،
"ٿوري لمبي زندگي ڪيئن ڪاٽي سگهنديس."

هوءَ اُٿي ويٺي. هن جي لال اکين مان جهڙي ٻاهه
جا اُلا نڪري رهيا هئا. هن چاهيو ته شيوارام کي
اُٿاري پڇانس ته شادي وقت ڪيل پٺي ڌرم پالڻ
جا انجام ڪيڏانهن اُڏامي ويا. ليڪن هن جا قدم
اڳتي وڌي ٻيهر رڪجي ويا. هن جي دل ۾ هڪ دفعو

خيال آيو ته ڇو نه هن ڪجهه زندگيءَ جو خاتمو آڻيان ۽ سامهون ڇوليون ماريندڙ سمنڊ ۾ سمائجي وڃان. هن سچ پچ اڄ اُن لاءِ ڪوشش به ته ڪرڻ چاهي هئي. ليڪن اُن ۾ ڪامياب نه وئي، شايد زنده رهڻ جي خواهش ئي هنکي ان راهه کان موٽائي پارڪ ۾ آندو هو، جتان شيوارام گڏجي واپس وٺي آيو هوس.

روپا سوچيو ته ڇا پشپا به ڪڏهن پنهنجي زندگي جو انت آڻڻ لاءِ ويچار ڪيو هوندو؟ جيڪڏهن پشپا پنهنجو جيون ساٿي چونڊي سگهي ٿي ته ڇا هيڏو مونکي اهو حق ناهي ڇا؟ مگر سماج... روپا محسوس ڪيو ڄڻ شيوارام جهڙن سماج جي ٺيڪيدارن جون انيڪ تصويرون هنکان پڇي رهيون هيون، ”ڇا تون سماج جي قانون جي ڀڃڪڙي ڪندينءَ؟“

هوءَ فيصلو نه ڪري سگهي ته آخر ڇا ڪري. هنجي حالت اُن ٻڏندڙ انسان مثل هئي جو وچ سير ۾ اُن اميد ۾ ٿاڦوڙا هڻي رهيو هو ته ڪنهن جي مدد ذريعي ڪناري رسي وڃي. هوءَ واپس پشپا جي ڪمري ۾ آئي ۽ پڙهڻ لاءِ ڪو ڪتاب ڳولڻ لڳي. ڪبٽ ۾ ڀانت ڀانت جا ڪتاب رکيل هئا جن ۾ ڪرشن چندر، يشپال، عباس، گروبخش سنگهه جا ڪتاب پيا هئا ته فلمي اخبارون به هيون. روپا ته اُنهن سڀني

کي پڙهي پورو ڪيو هو. هن گرهستيءَ جو ڪتاب ”ٻارڙا“ کڻيو ۽ پنهنجي ڪمري ۾ وڃي ٽيبل لئمپ ٻاري پڙهڻ لڳي. پڙهندي پڙهندي نامعلوم ڪيڏي مهل ننڊ کڻي ويس.

(٢)

شيوارام جون اکيون هيٺئين گهڙيال کان پوءِ ٽٽڻ لاءِ تيار نه هيون. جهنجهلائيندي چيائين، ”ڏهه لڳي ڏهه منٽ! حد ٿي چڪي!“ پنکو چالو هوندي به هنجي نرڙ تي پگهر جا ڦڙا نمودار هئا. راموءَ کي موٽر تيار ڪرڻ جو حڪم ڏنائين، ڪوٽ ڪلهن تي وجهي، رمليس عينڪ جا شيشا اگهندو هو هيٺ لٿو. موٽر تيز رفتار سان هلڻ لڳي. الاجي ڇو اڄ شيوارام جو اندر کيس کائي رهيو هو. هنجي دماغ ۾ طرحين طرحين جا خيال اڀري رهيا هئا ”روپا ڪيڏانهن ويئي هوندي؟ جيڪڏهن پوليس نه هجي ته..... هن ڇوڪريءَ نه ستائي ماريو آهي. شادي ڪيئن ڪئي اٿم پر جنسي اڙجـــي ويـــو آهيان. اڄ هـــن سان هڪ هڪاڻي ڪندس. ڪيترو وقت ماڻهن جي گلا ٻڌندو رهندس ۽ بيعزتي ٿيندي ڏسندس.

ڇهه مهنا اڳ جڏهن روپا ٻيهر ٻيون دفعو گهر ڇڏي نڪتي هئي، تڏهن کان وٺي شيوارام اُن تي ڇوڪسي رکندو هو. پر ڏنڊي ۽ ڌرم جي پوڄا ۾ مشغول رهندڙ

شيوارام جي اکين ۾ سرمو پسائڻ جوان روپا لاءِ ڪا
وڏي ڳالهه نه هئي. مدت بعد هڪ ساٿي ملي ويو
جنهن کي ٿي پنهنجي دل جو هزار ٽڪرو هئائين.
ليڪن سندس ساٿي، شيوارام کان ڳجهو رهي نه
سگهيو. هڪ پنڌ جي ساهيڙين آجهن ۾ روپا جي
ساٿيءَ جي ڳالهه نه هئي] جي واتان انجو سواءِ ملي
ويو ۽ راڻي جو روپا جي ڏيو سان اچڻ ۽ هن ۾ آيل
خيالن جي اڪيلي تبديليءَ جو راز ٻڌڪي ورتو.

موٽر پوليءَ جي هڪ جهوني پراڻي عمارت اڳيان
اچي بيهي رهي. شيوارام اڪيلو ٽڪري ڏاڪڻ چڙهي
بسنت جي ڪمري وٽ پهتي در کي ٿيلهو ڏنو ۽
اندر جيڪي ڪجهه ڏٺائين تنهن حواس خطا ڪري
ڇڏيس. سندس پير چانئٺ وٽ ئي روڪجي ويا ۽
ائين محسوس ڪيائين گويا ڪنهن زوردار ٿڦڙ لڳائي
هجيس. ڪمري ۾ روپا ۽ بسنت ڪٽ تي ويٺا هئا.
روپا ڏوا هيسجي ويئي ۽ ڪٽ تان لهي اٿي رهي
شيوارام رنبيدي چيو "ڪمذات، ڪمظرف، نيچ، لڪي
جا ٽڪري جا ڪلارڪ ... توکي اهڙي همت ٿي
آهي ......"

بسنت هڪ اڌ ۾ ئي روڪيندي وراڻيو،
"شيوارام - ڪمذات آهيان نه پنهنجي گهر سڪي

آهيان، تو وٽ ٻيڪ پنڌ ڪونه آيو آهيان. هڪ استري
جي زندگي تباهه ڪندڙ ٿي ڪميڻو ۽ نيچ سڏجي
سگهجي ٿو."

"ها، تون ٻيڪ پنڌ ڪونه آيو آهين،" شيوارام
ٽهڪ ڏيندي چيو "مان توکي ڏيکاريندس....."
"هل هل، نوڪري ڪسائيندين ته. مونکي انجي
پرواهه ناهي. مان ڪا محنت مزدوري به ڪري
سگهان ٿو."

شيوارام سمجهيو ته وڌيڪ وستار ڪرڻ ٺيندو
پنهنجي عزت ۾ وٽو وجهڻو. هن سوچيو ته آخر ڏوهه
۽ سندس روپا جو ئي آهي، جا هن وٽ ڌڪا کائي
مٽي آهي. هو سور پي روپا کي وٺي اچي موٽر ۾
ويٺو. هنجي دل ڪرهڻ لڳي. "آخر روپا هن ڪٿل ۾
ڏنو چاهي جو ڪوه کهي ٿي اچيس. هن چاهيو
ته هن کان انجو سبب پڇي، پر ڊرائيور جو خيال
ايندئي هن جي زبان تي آيل اکر به واپس موٽي
ويا.

موٽر تيز رفتار سان بمبئي جون شاهي سڙڪون ۽
بازارون پار ڪندي هوا جي لهرن سان ٽڪرجندي
هلندي هلي. روپا جي دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي ته
آخر شيوارام جي شانتيءَ جو ساگر جو پنڌ ڪڏهن

ٿيندو. هن محسوس ڪيو ته، شيوارام سان گهاريل اهڙي سالن جي حياتي بسنت سان ڪن گهڙين جي رهاڻين جي ڀيٽ ۾ صدين جي غلامي بيٺي لڳي.

هن جي دل ۾ زبردست ڪشمڪش پيدا ٿي... "روپا، توکي شيوارام ۽ بسنت جي ڀيٽ ۾ هميشه لاءِ هڪ جي فائدي ۾ اڄ فيصلو ڪرڻو پوندو. هڪ جهوني ڪهني سماج جو ٺيڪيدار ۽ ٻيو نئين سماج جو علمبردار. هڪ سست بيڪار زردار ٻين جو خون چوسي ناڻو ڪٺو ڪري ٿو، ٻيو انهي خلاف جدو جهد ڪري ٿو." هن دل ۾ فيصلو ڪري ڇڏيو ته، شاهوڪار شيوارام جي داسي ٿي زندگي گهارڻ کان پنهنجو ڪمائي، غريب بسنت جي جيون ساٿي ٿي سومان پسند زندگي گهارڻ هزار ڀار بهتر آهي. موٽي گهر پهچي وئي.

روپا اڄ سمهي نه پئي. هڪ ئي گهڙو ڪجهه ڇوٽو ۽ ٻڏڻو هو. هوءَ ڪوچ تي ئي ويهي رهي. ڪمري ۾ سناٽو ڇانيل هو. ٻيا پنهنجي ڪمري ۾ آرامي هئي. گهڙيال ٻارهن جا ٽڪاءَ هنيا. شيوارام سنائي ڪي ڇيونعدي ڪاوڙ ۾ چيو، "روپا، آخر هي قصو ڪيستائين هلندو؟"

"ايستائين جيستائين اسين زنده آهيون..."

”توکي نه منهنجي، نه پنهنجي خاندان جو خيال ٿو اچي.“

”مونکي ان خاندان جي ڪابه پرواهه ناهي، جنهن مونکي هن اوڙاهه جي باري ۾ هنيو آهي.“

”ته پوءِ مون سان شادي ڪرڻ جو ڪهڙو مطلب هو؟“ شيوارام جو ڪروڌ وڌندو ٿي ويو.

”مون پاڻ شادي نه ڪئي، پر مونکي شادي ڪرائي وئي، انجو مطلب نه توهانکي سوچڻ کپندو هو. مونکي سوچڻ جو موقعوئي نه ڏنو ويو.“

”مون شادي ڪرڻ وقت سمجهيو هو ته، تون منهنجي پاڻ جي پالنا ڪندينءَ ۽ پنهنجي پتيءَ کي ديوتا سمجهي هن جي سيوا ڪندينءَ.“

”پاڻ جي پالنا؟... مان آيا ته نه هئس. پتي اڄ مون لاءِ ديوتا ناهي، هڪ انسان آهي، جنهن سان اڻ ٿوري ورتاءُ ڪرڻ ڪهڙي جهڙو هو پاڻ ڪري ٿو. پتي سيوا جي نالي ۾ توهان هميشه گونگين استرين کي غلام رکيو آهي. پنهنجي من کان ئي پڇي ڏسو ته توهان ڪهڙا پتني ڌرم جا فرض پاليا آهن؟“

”روپا، زبان بند رک... مون ئي ته توکي مٺو، اوچو کاڌو ڪپڙو عيش عشرت ڏيئي اوج تي رسايو. پيو ڪير ته ليکي ئي به نه ها.“ شيوارام انڌ جي جي گهوڙي تي گويا سڌ پڌ وڃائي ويٺو هو.

”پتي ديوتا، هن کانپوءِ وڌيڪ توهانکي منهنجي
زبان ٻڌڻي نه پوندي. توهانجو ڏنل عيش اوج توهان
کي نيڀهه هجي. هاڻي مون کــي توهان جي مٽي،
ڪاڏي ڪپڙي جي ڪا ڪاڻ ناهي. مان پاڻ ڪمائي
پنهنجو پيٽ پالي سگهان ٿي. مونکي هاڻ ڪير بـ
هن چؤديواري ۾ وڌيڪ بند ڪري نه سگهندو. هاڻ
هي آهي توهانجو مٽيو، ڦليون، مڻيون ۽ سونـا
ڪنگڻ جي منهنجي لاءِ سونـا زنجير آهن، اڄ هنن
غلامي جي بندڻن کان آجو ٿيس.“ چوندي مٿيا لاهي
ڦٽا ڪري روپا ٽڪڙو ٽڪڙو ٻاهر نڪري ويئي.

شيوارام هڪو ٻڪو ٿي ويٺو رهيو. انهن محسوس
ڪرڻ لڳو گويا اهي سونا ڪنگڻ وڌي هنجي
ڳچيءَ ۾ ڦاسي آهستي آهستي سوڙها ٿيندا ٿا وڃن.

روپا ٻاهر اچي بسنت جي مڪان جو رستو ورتو.
هن جي قدمن ۾ تيزي هئي، ڦڙتي هئي. هن ۾ نئون
اُتساهه ۽ اُمنگ هو. هن ائين سمجهيو گويا هوءَ مري
وري جيئري ٿــي هجي. گهران نڪري بـوري بندر
اسٽيشن تي پهچي هن ٻويل جي ٽڪيٽ ورتي. هوءَ
اڄ ساڻي بسنت جي جيون ساٿڻ بڻجڻ وڃي رهي
هئي، جنهنجي عالم ۾ ڪوبه ٻاهريـون ڏيکاءُ ويکاءُ ۽
ڪوڙو شان مان نه هو، جنهن لاءِ روپا جـا مائٽ
مرندا هئا ۽ هنجي ٻانهن هڪ پوڙهي کـي سونپي
هئائون.
(١٩٥١)